روزاني
# سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد 02) اربع 07 جون 2023ع بمطابق 17 ذوالقعد 1444ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 13

# وفاقي حڪومت پاران بجلي جي بچت لاءِ دڪان رات 8 وڳي بند ڪرڻ جو فيصلو

توانائي بچائڻ لاءِ دڪان رات 8 وڳي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، ڪمرشل ايريا رات 8 وڳي بند ٿيندا: احسن اقبال

ترقي ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجا رويا تبديل ڪرڻا پوندا، خدشو آهي ته هن سال جي آخر تائين تيل جي قيمت 100 ڊالرن تائين نه پهچي وڃي

2035 تائين 570 ارب ڊالرن جي معيشت ٿاهي سگهجي ٿي، انهن مقصدن لاءِ سياسي استحڪام ضروري آهي

ايندڙ مالي سال جي ترقياتي بجيٽ 1150 ارب رپيا رکي وئي آهي، غريب ترين 20 ضلعن کي ترقي ڏني ويندي

نوجوانن جي ترقي لاءِ 100 ارب رپيا رکيا پيا وڃن. اجلاس ۾ پنج اي فريم ورڪ جي منظوري ڏني وئي، حڪومت گرين انرجي کي فروغ ڏيندي

ايل اي ڊي بلب لڳايا ويندا، اي پاڪستان ذريعي ڊجيٽل انقلاب آندو ويندو، سيني لاءِ انٽرنيٽ کي فروغ ڏنو ويندو

اسلام آباد(بيورو رپورٽ)وفاقي حڪومت بجلي جي بچت لاءِ دڪان رات 8 وڳي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قومي اقتصادي ڪائونسل جي اجلاس کانپوءِ منصوبابندي واري وفاقي وزير احسن اقبال ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته توانائي بچائڻ لاءِ دڪان رات 8 وڳي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، ڪمرشل ايريا رات 8 وڳي بند ٿيندا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

## وزيراعظم جي صدارت هيٺ قومي اقتصادي ڪائونسل جو اجلاس، بلوچستان جو بائيڪاٽ

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قومي اقتصادي ڪائونسل جو اجلاس ٿيو

اجلاس ۾ ناڻي واري وزير اسحاق ڊار، رٿابندي بابت وزير احسن اقبال سميت ٻين وزيرن ۽ سنڌ، پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه جي وڏن وزير شرڪت ڪئي

قومي اقتصادي ڪائونسل جي اجلاس ۾ نئين مالي سال جي ترقياتي منصوبي جو جائزو ورتو ويو

اسلام آباد (م د) بلوچستان حڪومت قومي اقتصادي ڪائونسل جي اجلاس جو بائيڪاٽ ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

### ايندڙ مالي سال لاءِ دفاعي بجيٽ 1800 ارب رپيا رکڻ جي تجويز

اسلام آباد (م د) ايندڙ مالي سال جي بجيٽ ۾ دفاع لاءِ 1800 ارب رپيا رکڻ جي تجويز آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

# ڪنهن جج کي ڪيس تان هٽائڻو آهي ته ان جي آڊيو ٺاهي ڇڏيو: چيف جسٽس

سوال اهو آهي ته هي آڊيوز ڪنهن پلانٽ ڪيون، ڇا حڪومت پتو لڳايو ته آڊيوز ريڪارڊ ڪٿان ڪان ۽ ڪيئن ٿي رهيون آهن؟ اهو سڀ ڪجهه ڪير ڪري رهيو آهي؟

مان پهرين بينچ جي جوڙجڪ تي دليل ڏيندس (اٽارني جنرل) ڇا توهان ان پوائنٽ تي پيا وڃو ته اسان مان 3 جج تڪراري آهن؟ : چيف جسٽس

آڊيو ليڪس مان هڪ چيف جسٽس جي سس بابت آهي، وفاقي حڪومت حقيقتون ڄاڻڻ لاءِ ئي ڪميشن ٺاهي آهي : اٽارني جنرل

ڇا وفاق کي خبر ناهي ته آڊيوز تصديق ٿيل آهن يا نه؟ وفاقي گهرو وزير آڊيوز تي ته پريس ڪانفرنس به ڪري چڪو آهي : جسٽس منيب اختر

پريس ڪانفرنس دوران ڪجهه آڊيوز هلايون به ويون آهن، ڇا اهو قانوني طور درست آهي ته جنهن کي آڊيوز جي حقيقت جي خبر ئي نه آهي اهو بينچ تي اعتراض اٿاري؟ : ٻڌڻي دوران ريمارڪس

اسلام آباد(بيورو رپورٽ) چيف جسٽس عمر عطا بنديال جا آڊيو ليڪس ڪميشن ڪيس ۾ ريمارڪس ڏنا آهن ته واهه ڇا خوبصورت طريقو آهي ۽ عدليه سان ڇا انصاف ڪيو ويو آهي؟ پهرين آڊيوز ذريعي ججز تي ٽرولنگ ڪيون ويون، پوءِ چيو ويو ته هاڻي انهن آڊيوز جي سچي هئڻ جي تصديق ڪرايون ٿا. چيف جسٽس چيو ته سوال اهو آهي ته هي آڊيوز ڪنهن پلانٽ ڪيون، ڇا حڪومت پتو لڳايو ته آڊيوز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

## شاهه محمود اڊيالا جيل مان آزاد: انصاف جو جهنڊو منهنجي هٿ ۾ آهي: شاهه محمود قريشي

عدالتي حڪم تحت شاهه محمود قريشي کي اڊيالا جيل مان آزاد ڪيو ويو

پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين پنهنجي گرفتاري چيلينج ڪئي هئي

اڄ پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان سان ملاقات ڪندس : جيل مان روانگي بعد ميڊيا سان ڳالهيون

پي ٽي آءِ جو وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي اڊيالا جيل مان آزاد ٿيڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

لاهور (م د) پي ٽي آءِ جو وائيس چيئرمين شاهه محمود قريشي اڊيالا جيل مان آزاد ٿيڻ بعد گهر روانو ٿي ويو آهي، جيل مان روانگي بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي هُن چيو ته سياڻي پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان سان ملاقات ڪندس عدالتي حڪم تحت شاهه محمود قريشي کي اڊيالا جيل مان آزاد ڪيو ويو. پي ٽي آءِ جي وائيس چيئرمين پنهنجي گرفتاري چيلينج ڪئي هئي شاهه محمود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

## جماعت اسلامي کي اليڪٽرڪ جي نجڪاري خلاف پارليامينٽ وڃي: سپريم ڪورٽ

پارليامينٽ کي ڪمزور ڪرڻ نه ٿا چاهيون، اهڙا معاملا 184 ٽي تحت هتي نه ٿا ڏسي سگهجن

جماعت اسلامي ملڪ ۾ سياسي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ مثبت ڪوشش ڪئي : چيف جسٽس

هتي عدالت آڏو معاملو مختلف آهي، عدالت لاءِ ممڪن نه آهي ته کي اليڪٽرڪ جي نجڪاري جي گهرائي ۾ وڃي

اسلام آباد(م د) سپريم ڪورٽ چيو آهي ته جماعت اسلامي کي اليڪٽرڪ جي نجڪاري خلاف پارليامينٽ وڃي، پارليامينٽ کي ڪمزور ڪرڻ نه ٿا چاهيون، اهڙا معاملا 184 ٽي تحت هتي نه ٿا ڏسي سگهجن سپريم ڪورٽ جي 3 رڪني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

## بلاول ڀٽو سان عراق جي پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد ريڪان الحلبوسي ۽ اسلامڪ سپريم ڪائونسل آف عراق جي سربراهه حمام حمودي جي ملاقات

پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو سان عراق جي حڪمت پارٽي جي صدر عمار حڪيم ۽ گهرو وزير عراقي عبدالامير الشمري سان ملاقات ڪئي

عراقي پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد ريڪان الحلبوسي سان ملاقات دوران پاڪستان ۽ عراق وچ ۾ لاڳاپن ۽ ٻطرفن معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

پاڪستان ۽ عراق وچ ۾ پارلياماني شعبي ۾ تعاون ٻنهي ملڪن جي پائرائتن لاڳاپن ۾ وڌيڪ اضافو جو سبب بڻجندو: بلاول

بغداد: پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري عراق جي دوري جي موقعي تي عراق جي پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد ريڪان الحلبوسي ۽ اسلامڪ سپريم ڪائونسل آف عراق جي سربراهه حمام حمودي، عراق جي حڪمت پارٽي جي صدر عمار حڪيم ۽ گهرو وزير عراقي عبدالامير الشمري سان ملاقات ڪئي. عراقي پارليامينٽ جي اسپيڪر محمد ريڪان الحلبوسي سان ملاقات دوران /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

لنڊن: وفاقي وزير سيد نويد قمر انويسٽرن سان ڪچهري دوران ڳالهائي رهيو آهي

## ميئر ٿيس ته ڪراچي جا مسئلا حل ڪندس: مرتضيٰ وهاب

ڪراچي پاڪستان جو معاشي حب آهي، شهر ۾ رهندڙ سڀ ماڻهو اسان جا آهن

پ پ ڪراچي ۾ وڌيڪ ڪم ڪندي، هاڻ اسان کي ڌرڻن، احتجاج، الزامن جي سياست مان نڪرڻو پوندو

مان ميئر جو اميدوار آهيان ۽ 15 جون تي چونڊ ٿيندي: ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ سنڌ جي قانون واري صلاحڪار بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته ميئر جي معاملي تي پيپلز پارٽي ۾ ڪا به گروپ بندي ناهي. پيپلز پارٽي هڪ گهر جيان آهي، بي بنياد خبرون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

ڪراچي لاءِ نامزد ميئر مرتضيٰ وهاب

## سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جو لاش هٿ

اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اظهر خان جو لاش ايڏي سرد خاني مان مليو

مقتول جي وارثن جي مرضي موجب ڪيس داخل ڪيو ويندو : پوليس

ڪراچي (م د) ڪراچي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر اظهر خان جو لاش ايڏي سرد خاني مان مليو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته مهتاب نالي شخص لاش ايڏي سرد خاني ۾ رکرايو هو پوليس موجب اظهر خان جو پنهنجي ساٿي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

## ملڪي مسئلن لاءِ قومي ليڊرشپ هڪ ميز تي ويهي: لياقت بلوچ

ڪراچيءَ ۾ جماعت اسلامي پاپولر ووٽ ۽ سپورٽ ۾ نمبر ون پارٽي آهي

مفاد پرست طبقي پنهنجي ذاتي مفادن تي ٻُڌل پاليسين جي ڪري ملڪ جون پاڙون لوڏي ڇڏيون آهن

ڪراچي(رپورٽر) جماعت اسلامي پاڪستان جي مرڪزي نائب امير ۽ اڳوڻي پارلياماني ليڊر لياقت بلوچ چيو آهي ته ملڪ کي سياسي ۽ معاشي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

## 8 وڳي دڪان بند نه ٿيندا، فيصلو واپس ورتو وڃي: اجمل بلوچ

هر حڪومت رات 8 وڳي دڪان بند ڪرڻ جي ناڪام مشق ڪئي آهي

اونهاري جي موسم ۾ ڏينهن جي وقت ڪا به خريداري ناهي ٿيندي

اسلام آباد(م د)صدر آل پاڪستان انجمن تاجران اجمل بلوچ حڪومت پاران رات 8 وڳي دڪان بند ڪرڻ جي فيصلي تي رد عمل ظاهر ڪندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

اسلام آباد: صدر آل پاڪستان انجمن تاجران اجمل بلوچ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

## وزيراعظم جي هدايت تي بجيٽ کان اڳ عوام کي وڏو رليف ملي ويو

يوٽيليٽي اسٽورن تي سبسڊائزڊ گيهه جي في ڪلو قيمت ۾ 80 رپين تائين لاٿ ڪئي وئي

بناسپتي گيهه جي اگهه ۾ لاٿ جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو

بي آءِ ايس پي جي رجسٽرڊ واهپيدارن لاءِ گيهه 300 رپيا في ڪلو هوندو

اسلام آباد (م د) بجيٽ کان اڳ وزيراعظم شهباز شريف طرفان عوام کي وڏو رليف ملي ويو واضح رهي ته وفاقي حڪومت 9 جون تي بجيٽ پيش ڪندي. اسحاق ڊار ان حوالي سان چئي چڪو آهي ته عوام تي وڌيڪ بار نه وجهنداسين/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

## ڪوئيٽا ۾ وڪيل جي ٽارگيٽ ڪلنگ جو ذميوار پي ٽي آءِ چيئرمين آهي: عطا تارڙ

وڪيل عبدالرزاق جي قتل ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين کي نامزد ڪيو وڃي، عبدالرزاق شر کي ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو ويو آهي

پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف هڪ ڪيس بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي

اها ٽارگيٽ ڪلنگ ڪو معمولي واقعو نه آهي. عبدالرزاق جي قتل جو ذميوار پي ٽي آءِ چيئرمين آهي

اسلام آباد(م د) وزيراعظم شهباز شريف جي خاص صلاحڪار عطا تارڙ چيو آهي ته ڪوئيٽا ۾ سپريم ڪورٽ جي وڪيل جي قتل جو ذميوار پي ٽي آءِ چيئرمين آهي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ليگي اڳواڻ چيو ته وڪيل عبدالرزاق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جو خاص صلاحڪار عطا تارڙ پريس ڪانفرنس ڪندي

### بلاول ڀٽو زرداري امام موسي ڪاظم عليه السلام جي روضي مبارڪ تي حاضري ڀري

بغداد: پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين ۽ پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري امام موسي ڪاظم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

## سپريم ڪورٽ جي وڪيل عبدالرزاق شر کي نامعلوم ماڻهن گولين هڻي قتل ڪري ڇڏيو

عبدالرزاق شر کي ڪوئيٽا جي علائقي ايئرپورٽ روڊ ويجهو عدالت ويندي نامعلوم ماڻهن فائرنگ ڪئي جنهن سبب هو ٿڏي تي ئي قتل ٿي ويو

فائرنگ ڪان پوءِ جوابدار موقعي تان فرار ٿي ويا. پوليس کي واقعي واري هنڌان نائن ايم ايم پسٽل جا خول مليا آهن : پوليس

فوتي جا وارث بنا پوسٽ مارٽم جي سول اسپتال مان لاش پاڻ سان کڻي ويا آهن : ايس پي شفقت جنجوعه

ڪوئٽا (م د) ڪوئٽا ۾ سپريم ڪورٽ جي وڪيل عبدالرزاق شر کي نامعلوم ماڻهن فائرنگ ڪري قتل ڪري ڇڏيو مقتول اڳوڻي وزيراعظم ۽ پي ٽي آءِ چيئرمين جي خلاف هڪ ڪيس ۾ درخواستگذار هو پوليس موجب عبدالرزاق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪوئيٽا: نامعلوم ماڻهن جي فائرنگ ۾ قتل ٿي ويل وڪيل عبدالرزاق شر (فائيل فوٽو)

### پمز اسلام آباد جي ايمبولينس اٽي سمگلنگ لاءِ استعمال ٿيڻ جو انڪشاف

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پمز اسپتال اسلام آباد جي ايمبولينس اٽي سمگلنگ لاءِ استعمال ٿيڻ لڳي. سرڪاري ايمبولينس ۾ اٽو آزاد ڪشمير کان راولپنڊي پهچايو ويو سوشل ميڊيا تي اٽو لوڊ ڪرڻ جون تصويرون وائرل ٿي ويون. ڊير ڪوٽ آزاد ڪشمير چنار اسپتال مان اٽو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

## عربي سمنڊ ۾ هوا جو گهٽ دٻاءُ ڊپريشن ۾ تبديل

ڊپريشن ڪراچي جي ڏکڻ کان 1500 ڪلو ميٽر پري آهي : موسميات کاتو

ڊپريشن سبب ٿيندڙ امڪاني طوفان اتر ۽ اتر اولهه ڏانهن حرڪت ڪندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عربي سمنڊ ۾ ٺهندڙ هوا جو گهٽ دٻاءُ شدت اختيار ڪري ڊپريشن بڻجي ويو موسميات کاتي موجب ڊپريشن ڪراچي جي ڏکڻ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

## تحريڪ انصاف سميت ڪنهن به سياسي پارٽي تي پابندي نه لڳڻ گهرجي: راڻا ثناءالله

وقت تي چونڊون نه ٿيون ته 6 مهينن ۾ ملڪي معيشت وڌيڪ خراب ٿي ويندي

جمهوريت خاطر اسان مفاهمت جي رستي تي عمل ڪيو بلاول چيو ته قدم وڌايو اسان اوهان سان گڏ آهيون

چارٽر آف اڪنامي جو چونڊون ٿيڻ کان پوءِ طئي ٿيڻ ضروري آهي ڇو ته مستقبل ۾ معاشي چيلنجز وڌي سگهن ٿا

اسلام آباد (م د) گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو آهي ته تحريڪ انصاف سميت ڪنهن به سياسي پارٽي تي پابندي نه لڳڻ گهرجي ڇو ته ان سان ڪوبه فائدو نه ملندو، وقت تي چونڊون نه ٿيون ته 6 مهينن ۾ ملڪي معيشت وڌيڪ خراب ٿي ويندي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

## خوشحال ۽ مضبوط پاڪستان ڏسڻ چاهيون ٿا: آمريڪا

اهم معاملن تي ڳالهائڻ لاءِ پاڪستاني اختيارين سان سڌي ريت رابطي ۾ رهندا آهيون

اهڙا معاملا جيڪي آمريڪا، خطي جي سيڪيورٽي ۽ استحڪام لاءِ ضروري آهن

آمريڪي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ويدنت پٽيل

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪا چيو آهي ته اسان خوشحال ۽ مستحڪم پاڪستان ڏسڻ چاهيون ٿا جيڪو پاڪ-آمريڪا لاڳاپن لاءِ اهم آهي. آمريڪي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ويدنت پٽيل بريفنگ ڏيندي چيو ته اهم معاملن تي ڳالهائڻ لاءِ پاڪستاني اختيارين سان سڌي ريت رابطي ۾ رهندا آهيون. هن چيو ته اهڙا معاملا جيڪي آمريڪا، خطي جي سيڪيورٽي ۽ استحڪام لاءِ ضروري آهن. آمريڪي پرڏيهي وزارت جي ترجمان عافيا صديقي بابت سوال تي جواب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

## سنڌ جي گهرو کاتي ايم پي او تحت حراست ۾ ورتل وڌيڪ 4 ڄڻن کي آزاد ڪرڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا

نواز پٽ آزاد، رمضان پٽ محمد ڪلام، حمزه پٽ خالد ۽ مقصود پٽ سليم شامل

جيڪڏهن ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ نامزد نه ناهين ته انهن کي آزاد ڪيو وڃي: حڪم نامو

گهرو کاتي پاران سکر، ميرپورخاص ۽ شڪارپور جي جيلن جي سينيئر سپرنٽينڊنٽ کي حڪم نامو جاري ڪيا ويا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گهرو کاتي جي سيڪريٽري سيد اعجاز علي شاهه جي سربراهي ۾ نظرثاني ڪميٽي وڌيڪ 4 ماڻهن جا ايم پي او آرڊر واپس وٺي ڇڏيا آهن. ان کان اڳ 14 ڄڻن کي آزاد ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو هو سنڌ جي گهرو کاتي ان سلسلي ۾ وڌيڪ 04 ڄڻن کي آزاد ڪرڻ جا الڳ الڳ حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن. جن ماڻهن جا ايم پي او آرڊر واپس ورتا ويا انهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

## پوليس گهرن جون پٽيون ٽپي ماڻهن کي بنا ڪنهن سبب تنگ نه ڪري: اسلام آباد هاءِ ڪورٽ

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ عمر ايوب خان جي گهر تي ڇاپي ۽ گهر ڀاتين کي حراسان ڪرڻ خلاف سندس گهر واري جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي

درخواستگذار خلاف 10 مئي تي ايف آءِ آر داخل ٿي جنهن جي ڪاپي جڙيل آهي : اسٽيٽ ڪائونسل

اسلام آباد(م د) اسلام آباد هاءِ ڪورٽ پوليس کي هدايت ڏني آهي ته پٽيون ٽپي ماڻهن کي بنا ڪنهن سبب جي تنگ نه ڪيو وڃي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ عمر ايوب خان جي گهر تي ڇاپي ۽ گهر ڀاتين کي حراسان ڪرڻ خلاف سندس گهر واري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

## جناح هائوس حملو: پنجاب حڪومت ياسمين راشد جي بريت چيلينج ڪري ڇڏي

ٽرائل ڪورٽ حقيقتن جي ابتڙ ڊاڪٽر ياسمين راشد جي ڪيس کي ڊسچارج ڪيو : درخواست جو متن

سمورا ثبوت موجود هجڻ جي باوجود ڊاڪٽر ياسمين راشد کي ڪيس مان ڊسچارج ڪيو ويو

ڊاڪٽر ياسمين راشد کي ڪيس مان ڊسچارج ڪرڻ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي

لاهور (م د) پنجاب حڪومت جناح هائوس حملي ڪيس ۾ ڊاڪٽر ياسمين راشد جي بريت کي چيلينج ڪري ڇڏيو آهي. پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ اڳوڻي صحت بابت صوبائي وزير ياسمين راشد

## اسرائيلي فوج جي فائرنگ ۾ 3 ورهين جو فلسطيني ٻار شهيد

3 ورهين جو محمد التميمي پهرين جون تي اسرائيلي فوج جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيو هو

اسپتال ۾ علاج هيٺ محمد التميمي سومر ڏينهن زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

غزه (م د) فلسطين ۾ اسرائيلي فوج جي جارحيت جاري آهي، والاريل اولهه ڪناري ۾ اسرائيلي فوج جي فائرنگ ۾ 3 ورهين جو فلسطيني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

## اسلام آباد ۽ ڪراچي پناهگيرن لاءِ دنيا جا سستا ترين شهر قرار

سروي ۾ هانگ ڪانگ کي پناهگيرن لاءِ دنيا ۾ مهانگو ترين شهر قرار ڏنو ويو

سڄي دنيا جي 400 کان وڌيڪ شهرن ۾ 200 شين جي اگهن جي ڀيٽ ڪئي وئي

اسلام آباد (م د) اسلام آباد ۽ ڪراچي پناهگيرن لاءِ سڀ کان سستا شهر قرار ڏنا ويا آهن. Mercer نالي اداري جي سالياني سروي ۾ هانگ ڪانگ کي پناهگيرن لاءِ دنيا ۾ مهانگو ترين شهر قرار ڏنو ويو هانگ ڪانگ کانپوءِ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

## ڪراچي ۾ بجلي جو مسئلو عام مفاد جو آهي: حافظ نعيم

اسان کي هاءِ ڪورٽ وڃڻ لاءِ چيو ويو اسان سمجهون ٿا ته جهڙوَ اسان ذهن ٺاهي ڇڏيو هو اهڙي ٻڌڻي نه ٿي

سپريم ڪورٽ جي ريمارڪس جو احترام ڪريان ٿو عدالت اسان جي لاءِ خير جو جملو چيو پر ان سان ڪراچي جي عوام جا مسئلا حل نه ٿيندا

اسان جي ساراهه ڪريو ۽ مسئلا حل نه ڪريو ته ڳالهه نٿي ٺهي ان سان تڪليف ٿئي ٿي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته ڪراچي ۾ ماڻهو بجلي جي لوڊشيڊنگ ۽ واڌو بلن سبب پريشان آهن مسئلو عام مفاد جو آهي چيف جسٽس پاڻمرادو ان کي ڏسي صحافين سان ڳالهائيندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته سپريم ڪورٽ ۾ اسان جي وڪيل کي اليڪٽرڪ جي حوالي سان درخواست ۾ دليل ڏنا ٻڌنچ اسان جي 2015/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪراچي: امير جماعت اسلامي ڪراچي حافظ نعيم الرحمان صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

### پي ٽي آءِ چيئرمين جي مولانا فضل کي پرچائڻ خاطر ديرا اسماعيل وڃڻ جي آڇ

اسلام آباد (م د) تحريڪ انصاف جي چيئرمين عمران خان چيو آهي ته سيني سياستدانن وٽ وڃي سمورا اختلاف ختم ڪرڻ چاهيان ٿو نامياري صحافي ظفر نقوي جو چوڻ آهي ته وڪيلن کي خطاب ڪندي عمران خان واضح ڪيو ته مولانا فضل الرحمان سان ڪجهه وڌيڪ ڇڪتاڻ آهي ان ڪري ڪيس پرچائڻ لاءِ ديرا اسماعيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

## افغانستان ۾ ڌماڪو، بدخشان صوبي جو ڊپٽي گورنر مارجي ويو

اتر افغانستان جي صوبي بدخشان ۾ ڪار بم ڌماڪو ٿيو

ڌماڪي ۾ ڊپٽي گورنر نثار احمد احمدي سان گڏ سندس ڊرائيور به مارجي ويو

ڪابل (م د) افغانستان جي صوبي بدخشان ۾ ٿيل بم ڌماڪي ۾ صوبي جو ڊپٽي گورنر مارجي ويو پرڏيهي خبرو اداري موجب اڱاري ڏينهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

## ڊاڪٽرن جي غفلت، مصر جو اڳوڻو صحت وارو وزير آپريشن دوران فوت

ڊاڪٽر احمد عماد الدين راضي کي دل جو دورو پوڻ سبب اسپتال آندو ويو

صحت جي موجوده وزير ڊاڪٽر خالد عبدالغفار اڳوڻي وزير جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار

قاهرا (م د) مصر ۾ صحت جي اڳوڻي وزير جي دل جي سرجري ٿي رهي هئي جنهن دوران ڊاڪٽرن جي معمولي غلطي سبب هو فوت ٿي ويو. مصر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

## پي ٽي آءِ اڳواڻ شهباز گل جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري

اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽس جي جج طاهر عباس شهباز گل خلاف بغاوت تي پڙڪائڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

نيب طرفان اسپيشل پراسيڪيوٽر راجه رضوان عباسي جو جونيئر وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيو

اسلام آباد(م د) اسلام آباد جي عدالت بغاوت تي پڙڪائڻ واري ڪيس ۾ پي ٽي آءِ اڳواڻ شهباز گل جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن. اسلام آباد جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽس جي جج طاهر عباس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

# سکيون جي صحافي مظهر نعمت علي منگيجو جي اسڪول جي چوري واپس نہ ٿي

## صحافين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي ماڻهن جو سيال اسٽاپ سکيون وٽ مظاهرو

## 2 سولر پليٽون، 2 پکا، هڪ بيٽري ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري آساني سان فرار ٿي ويا

## آغا سجاد حسين شاهہ، مظهر نعمت علي منگيجو، عتيق الرحمان متو، پورهيت سنگت اڳواڻ شريڪ

سکيون (رپورٽر) سکيون پرسان 2 ڏينهن اڳ سکيون جي سينيئر صحافي مظهر نعمت علي منگيجو جي مظهر ماڊل اسڪول مان ٿيل چوري جي هنگورجا پوليس پاران ڪا بہ اڳڀرائي نہ ڪرڻ خلاف صحافين ۽ سياسي سماجي تنظيمن جي ماڻهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

سکيون :صحافي مظهر نعمت علي منگيجو جي اسڪول جي چوري واپس نہ ٿيڻ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

### ايڊمنسٽريٽر ضلع
### ڪائونسل سکر پاران حلف
### برداري بابت پڌرائي

سکر(رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ ) ايڊمنسٽريٽر ضلع ڪائونسل سکر پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب حلف برداري مخصوص سيٽن جي حلف برداري ان سلسلي ۾ ضلع ڪائونسل هال سکر ۾ سڀاڻي -(اڄ) 07 جون صبح جو 10:30 وڳي ٿيندي .ضلع ڪائونسل مخصوص سيٽ. ميونسپل ڪارپوريشن سکر، مکي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

# حڪومت عوام کي درپيش مشڪلاتون حل ڪرڻ لاءِ جوڳا قدم کڻي رهي آهي: خورشيد احمد ميراڻي

## وڏ ڪان وڏ ريليف ڏيڻ سميت ملڪ کي ترقي طرف گامزن ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوششون ڪري رهي آهي

## يوٽرن خان کي هاڻي يوٽرن وٺڻ لاءِ بہ موقعو نہ ملندو، هو پنهنجي سياسي ساک وڃائي چڪو آهي: ڳالهيون

سکر(امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان مسلم ليگ ن سکر ضلعي جي صدر خورشيد احمد ميراڻي چيو آهي تہ موجوده حڪومت عوام کي درپيش مشڪلاتون کي حل ڪرڻ لاءِ جوڳا قدم کڻي رهي آهي پاڪستان تحريڪ انصاف جي ملڪ دشمن پاليسين سبب موجوده حڪومت عوام کي وڏ ڪان وڏ ريليف ڏيڻ سميت ملڪ کي ترقي طرف گامزن ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪوششون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

# دور سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو دور آهي ۽ اسان ان جي عروج جا شاهد آهيون: تاج محمد لاشاري

## روزاني زندگيءَ ۽ سماج ۾ نوان رجحان، ٽيڪنالاجي ۽ طريقا اختيار ڪرڻ کي ٽيڪنالاجي چئبو آهي

## ڪيئن اپنائي ۽ انسانيت ۽ رياست جي ڀلائي لاءِ مثبت طريقي سان استعمال ڪري رهيا آهيون

## مصنوعي ذهانت (AI) جو سماج تي اثر تي وڏي پئماني تي بحث ڪيو پيو وڃي: مڪالمي ۾ خطاب

سکر/خيرپور (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي اسٽوڊنٽس سوسائٽيز سينٽر ۾ مصنوعي ذهانت) آرٽيفيشل انٽيلي جنس) جا سماج تي مثبت ۽ منفي اثر جي موضوع تي هڪ مڪالمو منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ فيڪلٽي آف سوشل سائنسز پروفيسر ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري مڪالمي جي صدارت ڪئي جڏهن تہ وائيس چانسلر جي صلاحڪار براءِ اڪيڊمڪس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

### ٺٽون ديرو جو رهواسي ڊي
### ايس پي امداد علي پهوڙ
### بيماري سبب فوت

ٺٽون ديرو(رپورٽ شاد محمود پٺو) ٺٽون ديرو جو رهواسي پوليس انسپيڪٽر ڊي ايس پي امداد علي پهوڙ بيماري سبب فوت ٿي ويو .المصطفيٰ عيدگاهہ ۾ جنازا نماز ادا ڪئي وئي. بعد اباڻي قبرستان ۾ تدفين .تفصيل موجب ميونسپل ٺٽون ديرو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

# ڳڙهي ياسين لڳ اسڪول واڙي ۾ تبديل، اسڪول جو فرنيچر غائب، در دريون پٽجي ويون

## اسڪول مان واڙو ختم ڪرائي، عمارت تعمير ڪرائي ڏني وڃي: ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

## گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ڪيترن سالن کان بند، پيل عمارت جون در دريون چور پٽي ويا

## ڪيتري وقت کان آسرو ڏنو پئي ويو تہ نون پرتي ٿيل استادن مان اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري ڏبا

ڳڙهي ياسين (توفيق مهر) ڳڙهي ياسين لڳ اسڪول واڙي ۾ تبديل، اسڪول جو فرنيچر غائب، در دريون پٽجي ويون. باٺونڊري وال پٽجي پئي ڳوٺاڻن جو احتجاج. اسڪول مان واڙو ختم ڪرائي، عمارت تعمير ڪرائي ڏني وڃي. ڳوٺاڻن جي گهر ڳڙهي ياسين تعلقي جي يونين ڪائونسل شاهپور جکرو جي ڳوٺ اڳڻ خان ڪکرائي جي گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ڪيترن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

# ضروري سهولتون ۽ اسٽاف جي موجود هجڻ سان ئي معياري تعليم ملندي: محمد علي کٽڪ

## قدم کڻن سان معياري ۽ بهتر تعليم حاصل ڪرڻ وارو خواب ساپيان جو روپ اختيار ڪري سگهندو

## اهو ڪڙو سچ آهي تہ سنڌ جي تعليمي صورتحال ڏاڍي پريشان ڪندڙ آهي، قومي وجود کي خطره لاحق آهن

## محمد علي کٽڪ ايماندار ۽ محبتي انسان آهي جيڪو هميشہ بنا ڪنهن فرق محبتون ڏيندڙ آهي: محمد حنيف ميمڻ

ٺٽو(رپورٽ:جاويد لطيف ميمڻ) استادن کي پريشان ڪرڻ سان تہ پر اسڪولن ۾ ضروري سهولتون ۽ اسٽاف جي موجود هجڻ سان ئي معياري ۽ بهتر تعليم حاصل ڪرڻ وارو خواب ساپيان جو روپ اختيار ڪري سگهندو سنڌي محمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٺٽو: محمد علي کٽڪ تقريب کي خطاب ڪندي

### ڪميل حيدر شاهہ کي نامزد
### ڪرڻ بهترين فيصلو ڪيو
### آهي: زاهد حسين

سکر(رپورٽر)هائيويز ايمپلائيز يونين سي بي اي سکر ڊويزن جي جنرل سيڪريٽري ۽ پيپلز ليبر بيورو ضلعي سکر جي سينيئر ڊپٽي جنرل سيڪريٽري زاهد حسين لاشاري سکر ضلعي ڪائونسل لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي طرفان نامزد ڪيل ضلعي چيئرمين اميدوار سيد ڪميل حيدر شاهہ کي مبارڪ باد ڏيندي چيو آهي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

# شهدادڪوٽ ۾ پوليس 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ڦرتيل رقم هٿ ڪري ورتي

## ايس ايچ او اي سيڪشن طفيل احمد احمداڻي ڪاروائي ڪري 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

## ڦرتيل 20لک جي ڏوهاري جوابدار کي ٽريس ڪري هڪ جوابدار اعجاز مگسي کي گرفتار ڪيو

## شهرين کي بہ گهرجي هو پوليس سان تعاون ڪن تہ جيئن ڏوهارين کي قانون جي گرفت ۾ آڻي سگهجي

شهدادڪوٽ( شاهد اعوان) شهدادڪوٽ ۾ پوليس ڪاروائي ڪري 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ونس ڦرتيل رقم ۽ موبائيل فونز هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي. ڊي ايس پي شهدادڪوٽ يار محمد رند پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ ايس ايس پي قمبر شهدادڪوٽ رٽائرڊ ڪيپٽن صدام حسين خاصخيلي جي حڪم تي ايس ايچ او اي سيڪشن طفيل احمد احمداڻي ڪاروائي ڪري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

# دادو ۾ شر برادري جي چڱي مڙس جي قتل واقع خلاف مقتول جي وارثن جو احتجاجي مظاهرو

## مقتول جي پٽ چام خان شر سميت غلام عباس شر ميهر خان شر ڏهيسر شر احتجاجي مظاهرو ڪيو

## واقعي ۾ ملوث جوابدار ساڻوڻ عرف بگن جلباڻي غلام محمد جلباڻي منظور جلباڻي خلاف ريلي ڪڍي وئي

## پوليس اجا تائين قاتلن کي گرفتار نہ ڪري سگهي آهي آزادي سان قاتل سر عام هٿيار کڻي گهمي رهيا آهن: اڳواڻ

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ شر برادري جي چڱي مڙس جي قتل واقع خلاف مقتول جي وارثن جو قاتل جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڳوٺ رانجهن شر جي رهواسي مقتول خير محمد شر جي وارثن هن قتل ڪيس جي فريادي مقتول جي پٽ چام خان شر سميت غلام عباس شر ميهر خان شر ڏهيسر شر ۽ مبارڪ شر احتجاج ڪندي ڏانهيو تہ مقتول خير محمد شر کي ميهڙ ٺٽون ڳوٺ لنڪ روڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

دادو: شر برادري جي چڱي مڙس جي قتل واقعي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

### ڪوهستان ست پاڳي هڪ اونگر
### لڳ وليد ڪول مائينز ڪمپني
### مالڪ پاران ڪيس داخل

ٺٽو(رپورٽر) ڪوهستان ست پاڳي هڪ اونگر لڳ وليد ڪول مائينز ڪمپني جي مالڪ شاهہ ڪمين خان پلڻ پاران اونگر جي رهواسي مقامي زميندارن آدم ٻبر، ساماڻو ٻبر، مجنو ٻبر، مريد ٻبر، صفر ٻبر، محمد يعقوب ٻبر جي خلاف جهرڪ ٿاڻي تي داخل ڪرايل FIR ڏوهہ نمبر 75/2023 ڪلم 324، 506/2،447، 147،504/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

# سنڌو درياهہ ۾ پاڻي جي سطح ۾ گهٽتائي، آبپاشي کاتو خاموش

## مقامي هارين درياهہ جي زمينن تي غير قانوني طور فصل پوکڻ شروع ڪري ڇڏيا

## عدالتي حڪمن باوجود درياهہ جي ڪنارن تي فصلن جي غير قانوني پوکائي شروع ٿي وئي

## درياهہ ۾ پاڻي گهٽتائي سبب پوکيل ڀاڄين جا فصل بہ سوڪهڙي جو شڪار ٿي ويا آهن

سکر(رپورٽ. امداد علي گل ڪلوڙ)سنڌو درياهہ ۾ پاڻي جي سطح ۾ گهٽتائي. آبپاشي کاتو خاموش، مقامي هارين درياهہ جي زمينن تي غير قانوني طور فصل پوکڻ شروع ڪري ڇڏيا. شهري ۽ سماجي حلقن ۾ پريشاني جي لهر اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ان سلسلي ۾ آبپاشي کاتي سکر ۽ ٻين لاڳاپيل کاتن جي خاموشي عدالتي حڪمن باوجود سنڌو درياهہ جي ڪنارن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

# بدين ۾ ڳوٺاڻي جو ٻئي ڏينهن بہ سماجي تنظيم خلاف احتجاجي مظاهرو

## ڳوٺاڻي الهچايو چانگ بدين پريس ڪلب اڳيان ٻئي ڏينهن بہ احتجاج ڪيو

## عملدار ملندڙ نلڪا رشوت عيوض ۽ من پسند ماڻهن کي لڳائي ڏئي رهيا آهن: الزام

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) بدين ۾ ڳوٺاڻي جو ٻئي ڏينهن بہ سماجي تنظيم خلاف احتجاج ڳوٺ چيچ چانگ جي رهواسي ڳوٺاڻي الهچايو چانگ بدين پريس ڪلب اڳيان ٻئي ڏينهن بہ عملدارن خلاف ڪارروائي جي گهر بدين جي احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

# "مائٽن مان جان جو خطرو آهي تحفظ فراهم ڪيو وڃي": سجاول ۾ احتجاجي مظاهرو

## عثمان چانڊيو جا رهواسي مسمات نسيمان چانڊيو ۽ شيرو چانڊيو احتجاجي مظاهرو ڪيو

## بلورو جي عدالت سڳوري ۾ شريعت محمدي موجب پسند جو پرڻو ڪيو آهي: جوڙي جون دانهون

سجاول (رپورٽ:ممتازعلي تهڙيو) مائٽن مان جان جو خطرو آهي تحفظ فراهم ڪيو وڃي، بلورو واسي پريمي جوڙو، بلورو ويجهو ڳوٺ عثمان چانڊيو جا رهواسي مسمات نسيمان چانڊيو ۽ شيرو چانڊيو سورج سجاولي پريس ڪلب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

سجاول: پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ جي اپيل ڪندي

# بدين انٽر جي شاگرديائي گهريلو پريشانين کان تنگ ٿي آپگهات ڪري ڇڏيو

## ڊاڪٽر بابو راٺوڙ جي 17 سالن جي نوجوان نياڻي ڪريتا راٺوڙ زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو

## آئسڪريم گهرائڻ بهاني نوڪر کي روانو ڪري پنهنجي گلي ۾ ڦاهو وجهي خودڪشي ڪري ڇڏي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) انٽر جي شاگرديائي گهريلو پريشانين کان تنگ ٿي آپگهات ڪري ڇڏيو تفصيل موجب بدين شهر پرسان ڳوٺ عبدالله /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

# ايس ايڇ او مڪلي سب انسپيڪٽر علي اصغر شاهہ پاران منشيات فروش گرفتار

## 1080 گرام چرس سميت گرفتار ڪري مٿس مڪلي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

## مڪلي پوليس جوابدار کي گرفتار ڪري ڳوٺاڻن ۽ شهرين کي ان مان نجات ڏياري ڇڏي

ٺٽو( د ر) ايس ايڇ او مڪلي سب انسپيڪٽر علي اصغر شاهہ گشت دوران گنڊرا گولائي بائي پاس روڊ مڪلي تي ڪامياب ڪاروائي ڪندي هڪ بدنام منشيات فروش مامون ولد سومار گنڊرو کي 1080 گرام چرس سميت گرفتار ڪري مٿس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

# ڦل شهر ۾ سگا شاخ ڦل ۽ يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت جي سهڪار سان ڪئمپ

## ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي ڪئمپ افتتاح سگا اڳواڻ پروفيسر بخش علي چانڊيو ڪيو

## آس پاس مان آيل چار سئو مريضن جو مفت چڪاس ۽ ٽيسٽون ڪري مفت دوائون ڏنيون ويون

نوشهرو فيروز( رپورٽ:منظور ملڪ) ڦل شهر ۾ سگا شاخ ڦل ۽ يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت جي سهڪار سان ڦل شهر ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

نوشهروفيروز: لڳايل ڪيمپ ۾ مريضن جو چڪاس ڪيو پيو وڃي

# بدين شهر ۾ ڦرجي ٻن ڌار ڌار وارداتن ۾ ڦورو ٻن شهرين کان هزارين روپيا ڦري ويا

## دمبالو جي رهواسي نور حسن پنهور کان ڦورو هٿيار ڏيکاري موبائل فون ڦري ويا

## آئي اير آئي نمبر تبديل ڪندڙ ٽيڪنيشن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي: شهري اڳواڻ

بدين (مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر ۾ ڦرجي ٻن ڌار ڌار وارداتن ۾ ڦورو ٻن شهرين کان هٿيارن جي زور تي قيمتي موبائيل فون ڦري فرار ٿي تفصيل موجب بدين شهر جي مهراڻ چوڪ تي گذريل رات ساڍي ڏهين وڳي ڌاري شهر جي مصروف علائقي شاهنواز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

# ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم (بشير قريشي گروپ) پاران احتجاجي مظاهرو

## الفتاح چوڪ کان پريس ڪلب تائين هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو

## جسقم اڳواڻ ظهور هاليپوٽو، عنايت علي، فرحان ٻرڙو، راجا حاجاڻو، معشوق سنيو شريڪ ٿيا

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ جسقم ( بشير قريشي گروپ ) پاران مرڪزي سڏ تي سنڌ دشمن منصوبي بحريا ٽائون خلاف الفتاح چوڪ کان پريس ڪلب تائين هڪ وڏي احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽنڊو محمد خان: جسقم ڪارڪن مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪندي

# سکر ۾ بلڊر ايسوسي ايشن سکر جي جنرل سيڪريٽري پاران ڪميل حيدر کي مبارڪون

## ناصر حسين شاهہ فرزند سيد ڪميل حيدر شاهہ کي سکر جو چيئرمين نامزد ٿيڻ تي مبارڪون

## ٽائون ڪميٽي لاءِ چيئرمين محمد دين راجپوت، وائيس چيئرمين مرتضيٰ گهانگهرو مبارڪون ڏنيون

سکر( رپورٽ .امداد علي گل ڪلوڙ ) سکر بلڊر ايسوسي ايشن سکر جي جنرل سيڪريٽري، نامور سماجي اڳواڻ ۽ راجپوت ڪلبز انٽرنيشنل سنڌ جي سيڪريٽري جنرل محمد عمران بندٽائي راجپوت پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت پاران صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

# ماتلي لڳ زرداري روڊ سم نالي موري پرسان هٿياربندن پاران ڦرلٽ

## واپاري چمبڙ ۾ لڳندڙ مال جي پڙي مان چوپايو مال وٺڻ وڃي رهيا هئا

## بہ عدد موبائل فون ڦري ڪري ويا اهڙي رپورٽ ماتلي ٿاڻي تي پڻ درج ڪرائي وئي

بدين(رپورٽ:مرتضيٰ ميمڻ) ماتلي لڳ زرداري روڊ سم نالي موري پرسان هٿياربندن جي مال جي واپارين کان 15 لک روپين جي ڦر تفصيل موجب ماتلي جا مال جا واپاري چمبڙ ۾ لڳندڙ مال جي پڙي مان چوپايو مال وٺڻ وڃي رهيا هئا تہ زرداري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

# جسقم مرڪز پاران ڏنل سڏ تي جسقم تعلقہ ٽنڊو غلام حيدر پاران احتجاجي مظاهرو

## يونٽ مويا طرفان بحريا ٽائون خلاف ڪارڪنن مويا شهر ۾ سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

## بحريہ ٽائون ڊي ايڇ او سٽي ۽ ٻين هائوسنگ اسڪيمن سنڌ کي وڏو نقصان ڏنو آهي: مظاهرين

ٽنڊو غلام حيدر ( ميرحسن رند)جسقم مرڪز پاران ڏنل سڏ تي جسقم تعلقہ ٽنڊو غلام حيدر ۽ جسقم يونٽ مويا طرفان بحريا ٽائون خلاف مويا شهر ۾ سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي جسقم تعلقہ ٽنڊو غلام حيدر جي اڳواڻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٽنڊو غلام حيدر: جسقم تعلقہ ٽنڊو غلام حيدر طرفان احتجاج ڪيو پيو وڃي

# ٽنڊو محمد خان جي مشترڪ ڪالوني ۾ دڪان تي چڙهائي خلاف احتجاجي مظاهر

## نقصان تي واپاري پنهنجي زال سان گڏ اعليٰ اختيارين کان انصاف جو مطالبو ڪري ڇڏيو

## ڪريانہ مرچنٽ ۽ گيم جي دڪان تي فوجي ۽ عبدالغني پنهنجي ساٿين سميت پيچ ڊاهہ ڪئي

## انتقام ورتو وڃي پيو تہ جيئن زال مڙس کي زبردستي الڳ ڪري طلاق ڏيارڻ تي مجبور ڪيو وڃي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي مشترڪ ڪالوني ۾ دڪان . گهر تي مبينہ حملي ۾ ڪيل پيچ ڊاهہ . نقصان تي واپاري پنهنجي زال سان گڏ اعليٰ اختيارين کان انصاف جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي . ٽنڊو محمد خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

ٽنڊو محمد خان: زال مڙس گهرن تي قبضي ۽ پيچ ڊاهہ خلاف احتجاج ڪندي

### سلطانپور ۽ پرپاسي وارن
### علائقن ۾ سردار علي گوهر خان
### مهر پاران تعزيتون

سلطانپور (رپورٽر) سلطانپور ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ سردار علي گوهر خان مهر جي پٽ اڳوڻي ضلعي ناظم سردار حاجي خان مهر پاران پنرعاقل جي مختلف علائقن ۾ تعزيتون.سلطانپور، جوٽاس ۽ يوسي ملاعلي ۾ موجود ڳوٺن هاليجي شريف ، حاصل واهڻ، چيجڙو ۽ ٻين هنڌن تي پهچي گڏجاڻيون ۽ تعزيتون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

# بدين ۾ ڌرتي ڌڻي تحريڪ جي اڳواڻن ضلع صدر جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو

## سنڌ جي نياڻي پريا ڪماري جي 8 مهينن کان اغوا بعد بازيابي نہ ٿيڻ خلاف مظاهرو ڪيو

## سنڌ پوليس کي سياسي چنبي مان آزاد ڪيو وڃي اسان جا ادارا سياست کان آجها ٿيندا: مظاهرين

بدين( رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) پريا ڪماري جي آزادي لاءِ بدين ۾ ڌرتي ڌڻي تحريڪ جو احتجاجي مظاهرو پريا کي بازياب ڪرائڻ جو مطالبو تفصيل موجب 22 مهينا اڳ سکر مان اغوا ٿي ويل پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ ڪالهہ ڌرتي ڌڻي تحريڪ جي طرفان پريس ڪلب جي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو هن موقعي تي اڳواڻن شاهنواز چانڊيو ۽ ٻين چيو تہ پريا ڪماري کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

# ٽنڊو محمد خان جي درگاهہ پيرل شاهہ جي رهواسي ڳوٺاڻن جو احتجاجي مظاهرو

## ڳوٺاڻن پيرسن عورت مسمات فاطمہ ۽ سندس گهرواري حاجي ملاح مظاهرو ڪيو

## زرعي زمين تي قبضي ڪرڻ سان گڏ اسان جا گهر بہ خالي ڪرايا وڃن: مظاهرين جو الزام

## پنهنجي ابي ڏاڏي کان علائقي ۾ رهائش پذير هجڻ سان گڏ زرعي زمين هارپي تي ڪري رهيا آهيون

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي درگاهہ پيرل شاهہ جي رهواسي ڳوٺاڻن جو زرعي زمين گهرن تي قبضي جي خلاف اعليٰ اختيارين کان انصاف جو مطالبو ڪندي قبضا مافيا خلاف قانوني ڪاروائي جو مطالبو ڪيو آهي . ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ بلڙي شاهہ ڪريم جي ديہ لڏان درگاهہ پيرل شاهہ جي رهواسي ڳوٺاڻن پيرسن عورت مسمات فاطمہ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ٽنڊو محمد خان: درگاهہ پيرل شاهہ جي رهواسي حملي آورن خلاف احتجاج ڪندي

### سجاول ۾ پوليس جي ڪاروائي
### مختلف ڏوهن ۾ ملوث روپوش
### جوابدار گرفتار

سجاول ( ممتازعلي تهڙيو ) سجاول ۾ پوليس جي ڪاروائي مختلف ڏوهن ۾ ملوث روپوش جوابدار عبدالغفور عرف سي اين جي سهتو کي 650 گرام چرس سميت گرفتار ڪيو ويو تفصيل موجب سجاول پوليس جي ڪاروائي ايس ايڇ او رياض حسين سومورو پوليس نفري سان گڏ ڳجهي اطلاع تي سجاول ويجهو جاتي روڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

# ڪاڇي سان تعلق رکندڙ قانون جي شاگرديائي ڪنول لاشاري مخصوص سيٽ تي نامزد

## پ پ پ ڪنول لاشاري کي ضلعي ڪائونسل دادو ۾ عورتن لاءِ مخصوص سيٽ ڏئي ڇڏي

## ڪنول لاشاري يونيورسٽي آف لنڊن سان لاڳاپيل ٿيمس اسڪول آف لا ۾ لا جي ڊگري ڪري پئي

## يونين ڪائونسل ۾ عورتن جي سيٽن تي اڪثر انهن پيرسن عورتن جا نالا ڏنا ويندا آهن: . ڪنول لاشاري

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي)ضلعي دادو جي تعلقي جوهي جي ٻٽ تي پيل علائقي ڪاڇي سان تعلق رکندڙ لا جي اسٽوڊنٽ ڪنول لاشاري ننڍي عمر ۾ ضلعي ڪائونسل دادو جو حصو بڻجي وئي پيپلزپارٽي يونيورسٽي آف لنڊن ۾ لا جي شاگرديائي ڪاڇي سان تعلق رکندڙ ڪنول لاشاري کي ضلعي ڪائونسل دادو ۾ عورتن لاءِ مخصوص سيٽ ڏئي ڇڏي آهي ڪنول لاشاري سميت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

# ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ شادي ٻيرڙ ۾ پي ايم اي ۽ مرسي ڪور ۾ ڪئمپ لڳائي وئي

## ڊاڪٽرن 500 کان مٿي مريضن جو معائنو ڪرڻ سان گڏ ايڪسري ، هيپاٽائيٽس جو معائنو ڪيو

## ڪوآرڊينيٽر ڊاڪٽر محمد رفيق وگهيو ، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد علي ميمڻ ، فيلڊ آفيسر شريڪ

## مقصد ٻهراڙي جي غريب مسڪين ماڻهن کي مفت صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي: اڳواڻ

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ شادي ٻيرڙ ۾ پي ايم اي ۽ مرسي ڪور جي گڏيل سهڪار سان هڪ روزه مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي . جنهن ۾ ڊاڪٽرن 500 کان مٿي مريضن جو معائنو ڪرڻ سان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ٽنڊو محمد خان: ڳوٺ شادي ٻيرڙ ۾ پي ايم اي ۽ مرسي ڪور جي گڏيل سهڪار سان ڪيمپ لڳائي وئي

### نواب ڪوريجو ۾ سماجي
### تنظيم هلائيندڙ اڳواڻ نشي
### وارين سوپارين سوڊو سوگهو

نواب ڪوريجو (رپورٽر) ڪيترن ئي سالن کان سماجي تنظيم ماهنور فائونڊيشن هلائيندڙ جمشيد لاڪو نشي وارين سوپارين سوڊو سيوهڻ شريف پوليس هٿان گرفتار، تحصيل سيوهڻ جي Z..21 جي وڏي ڊيلر خلاف صرف 20 پيڪيٽ رکڻ جو ڪيس داخل سماجي تنظيم جي آڙ ۾ زيڊ 21 جو ڪاروبار ڪندڙ ڊيلر جمشيد/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

# پاڻي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيح آهي: اسدالله خان

## علائقن تائين پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ واٽر بورڊ پنهنجا سمورا وسيلا ڪتب آڻي رهيو آهي

## جناح روڊ، عالمگير روڊ، تور بابا روڊ گلي نمبر 14 ۽ 16 شير شاهہ ڪالوني پراڻي ۾ لائن لڳائي ويندي

## واٽر بورڊ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي وارن سمورن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪري رهيو آهي

ڪراچي(رپورٽر) ملڪ جي سڀ کان وڏي ۽ گهٽي آبادي واري شهر ۾ گهرج جي ڀيٽ ۾ تقريبن 50 سيڪڙو گهٽ پاڻي موجود هجڻ باوجود شهرين کي پاڻي جي منصفاڻي ورڇ ۽ شهر جي پڇاڙي ۽ ڏورانهن وارن علائقن تائين پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ واٽر بورڊ پنهنجا سمورا وسيلا ۽ صلاحيتون استعمال ڪري ٿو چاڪاڻ تہ شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

# ميرپور ساڪرو روڊ چام برانچ تي زميندار جي زيادتين خلاف سوين ڳوٺاڻن جو احتجاج

## احتجاجي مظاهري سبب ڪراچي کان ساڪرو ويندڙ سوين مسافر ۽ سوين گاڏيون ڦاٿل رهيون

## ڪراچي جو هڪ بااثر زميندار پرپاسي جي ڳوٺاڻن کي مسلسل تنگ ڪندو رهي ٿو: مظاهرين جو الزام

## مئنيجر خلاف ڪاروائي ڪري بااثر زميندار جي زيادتين مان نجات ڏياري وڃي، نہ تہ احتجاج وسيع ڪبو

گهارو (بشام جوکيو) گهارو لڳ با اثر زميندار جي غنڊن طرفان زمين تان گذرندڙ پڪري کهي اجلائي ڇڏي. گهارو لڳ ميرپور ساڪرو روڊ چام برانچ تي زميندار جي زيادتين خلاف سوين ڳوٺاڻن جو احتجاج ٻن ڪلاڪن تائين ڪان مين روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪيو ويو جنهن سبب ڪراچي کان ساڪرو ويندڙ سوين گاڏيون بيهي رهيون ان موقعي تي ڳوٺاڻن نارو جوکيو پرروجوکيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

گهارو: چام برانچ تي زميندار جي زيادتين خلاف آبادگار احتجاج ڪري رهيا آهن

### پاڻي، بجلي ۽ گئس جي سهولتن
### جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ
### قدم کنيا ويندا: ڊي سي ٺٽو

ٺٽو(رپورٽر) پاڻي، بجلي ۽ گئس جي بنيادي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ جتادار قدم کنيا پيا وڃن. غلام فاروق سومرو عوام کي گهربل بنيادي سهولتن جي فراهمي ضلعي انتظاميہ جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو ڊپٽي ڪمشنر غلام فاروق سومرو جي صدارت هيٺ پاڻي جي فراهمي، بجلي ۽ گيس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

# سکر پرسان سنگرار مان 22 مهينا اڳ اغوا ٿي ويل پريا ڪماري جي وارثن سان ملاقات

## انساني حقن جي تنظيم هيومن رائيٽس يونٽي فائونڊيشن سکر پاران وارثن سان ملاقات ڪئي

## وائيس چيئرمين زبيده گهانگهرو ليڊيز ونگ صوبي سنڌ جي اڳواڻ شهناز منگي پاران ملاقاتون ڪيون

## معصوم پرياڪماري کي جلد بازياب ڪرايو وڃي بي صورت ۾ ڀرپور احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: وارث

سکر( رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پرسان سنگرار مان 22 مهينا اڳ اغوا ٿي ويل معصوم نياڻي پرياڪماري انتظاميا جي نااهليءَ سبب بازياب نہ ٿي سگهي، انساني حقن جي تنظيم هيومن رائيٽس يونٽي فائونڊيشن سکر پاران پرياڪماري جي والد امر سکر جي پنجنات جي مکي ايشور لعل ۽ جنرل سيڪريٽري سان ملاقات بعد سندس بازيبي لاءِ تحڪ هالٺڻ جو اعلان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
# سنڌيار
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
ايڊيٽر: اعجاز مهر
اربع 07 جون 2023ع

## سنڌ جو امن امان ۽ حڪمرانن جون گوناگون مصروفيتون

ائين ٿو محسوس ٿئي ته سنڌ جي اڌ درجن کن اترين ضلعن جي ڪچي وارو علائقو انتظامي ايجنڊا ۾ ئي شامل نه هجي! هتي مڪمل طرح ڌاڙيلن جو راڄ آهي ۽ محسوس ائين ٿو ٿئي ته ڄڻ ڌاڙيلن کي اهو علائقو 'ڍَلَ' تي ڏنل هجي! ڌاڙيل ماڻهن کي بنان روڪ ٽوڪ جي اغوا ڪري ڍَڪ طلب ڪري رهيا آهن ۽ پوليس انهن جي ڪمداريءَ ۾ رڌل آهي. پوليس تي جڏهن گهڻو دٻاءُ پوي ٿو ته اها ڏوهن جي سرپرستي ڪندڙ سردارن ۽ ڀوتارن کي وچ ۾ آڻي هڪ ٻه مغوي ڇڏائي ٿي وٺي. نه ته يرغمال بڻيل ماڻهو مهينن تائين ڌاڙيلن وٽ سختيون سهي، انهن جو تشدد برداشت ڪري حياتيءَ مان ئي بيزار ٿي، پوءِ 'تنگ آيد، بہ جنگ آيد' واري ڪيفيت ۾ ڪو عمل ڪري پنهنجي حياتيءَ کي ئي جوکي ۾ وجهي ٿا ڇڏين. جيئن گهوٽڪي ضلعي جي رائونتي ۽ پنجاب جي رحيم يار خان جي ڪچي واري گڏيل علائقي ۾ پنجاب واسي مغوي، ننڍ ستل ڌاڙيل ٽولو شر کي سنڌس ئي ڪلاشنڪوف سان فائرنگ ڪري ماري ڇڏيو. جنهن کي رات جي پهر ۾ مغوين جي مٿان پهريدار مقرر ڪيو ويو هو. فائرنگ جي آواز تي ٻيا ڌاڙيل پڻ سجاڳ ٿي پيا. جن مغوين مٿان فائرنگ ڪري ٻه مغوي ماري ڇڏيا ۽ هڪ کي زخمي ڪري ڇڏيو. مارجي ويل ٻنهي مغوين جي لاشن ۽ يرغمال بڻايل ٽئين مغوين کي راجوڻي ڪوشش بعد ڌاڙيلن گهوٽڪي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو. ايس ايس پي گهوٽڪي ٽئين مغوين کي بازياب ۽ ٻنهي مغوين جي لاشن کي آپريشن بعد هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪري ڇڏي آهي.

حڪمرانن جي انتظامي لاتعلقيءَ سبب سنڌ ڏوهن جو ڏيهه بڻجندي وڃي. رياستي قانون جي عملداري اڌ درجن کان مٿي اترين ضلعن ۾ خوردبينيءَ سان ڳولهڻ به نه لڀجندي. حڪمرانن کي پنهنجون مصروفيون آهن. اڃان ته ميئرن ۽ ضلعي چيئرمينن جي چونڊ جو ميدان به مارڻو آهي. بجيٽ جي به تياري هلندڙ آهي. مٿان وري عام چونڊن جي به ته تياري ڪرڻي آهي. سياسي طرح سنڌ کي فتح ڪرڻ به ته ڪو معمولي ڪم ڪونهي! آخر هي ڇا آهي؟ عوام ٽيڪس ٿو ڏئي. انهن جي تحفظ جي ذميواري رياست جي آهي، پر رياست اها آئيني ذميواري ڪيئن پوري ڪري رهي آهي. تنهنجو اندازو سنڌ ۾ ڌاڙيل گرديءَ واري صورتحال مان لڳائي سگهجي ٿو ان سڄي عمل ۾ پوليس انهن جي سهولتڪار بڻيل آهي. ڪجهه ڏينهن اڳ اها خبر به ميڊيا تي رپورٽ ٿي هئي ته ڌاڙيلن کي گولين پهچائڻ ۾ پوليس عملدار ملوث آهن. هاڻي ته سنڌ ۾ ان بدامنيءَ، اغوا وارداتن، ڌاڙيل گردي ۽ قبيلائي دهشتگرديءَ خلاف احتجاج شروع ٿي ويا آهن. گهوٽڪي، ڪنڌڪوٽ، لاڙڪاڻي ۽ ڪراچيءَ مان احتجاجن جي شروعات ٿي چڪي آهي. هن وقت پريا، جعفر پتو ۽ ٻيا ڪيترائي معصوم مغوي پوليس بازياب ڪرائڻ جي ضرورت محسوس ناهي ڪئي. هاڻي ته اها ڳالهه ڳجهي ناهي رهي ته مغوين هڪ ستل ڌاڙيل کي سندس ئي ڪلاشنڪوف سان فائر ڪري ماري ڇڏيو ۽ ٻين ڌاڙيلن ٻن مغوين کي قتل ۽ هڪ کي زخمي ڪرڻ بعد سوشل ميڊيا تي اهو پيغام هلايو ته پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مارجي ويل ٻنهي مغوين جا لاش تحويل ۾ وٺي زخمي ٿيل مغوي کي علاج لاءِ اسپتال ڪٽي وڃي. نه ته زخمي ٿيل مغوي به مري ويندو ڌاڙيلن پاران جاري ڪيل وڊيو ۾ چيو ويو آهي ته پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش وصول ڪري ٿي ته اسان ٻيا مغوي به پوليس جي حوالي ڪنداسين. حد ته اها آهي ته ان جي باوجود به گهوٽڪي جي ايس ايس پي ٽڪ جي پڪائي ڪندي اها دعوا ڪئي آهي ته پوليس آپريشن ڪري ٽئين مغوين کي آزاد ڪرايو ۽ ٻن مغوين جا لاش هٿ ڪيا آهن.

سنڌ مان امن جو پڪي اڏامي ويو آهي. ماڻهو گهرن ۾ به محفوظ ناهن. هيستائين ڪنهن به وزير مشير، چونڊيل ميمبر جو ڪو جگر جو ٽڪرو ڌاڙيلن جي گرفت ۾ ڪونهي، جو انهن کي اهو احساس ٿئي ته ماڻٽن تي ڇا گذرندي آهي! اغوا ٿين ٿا ته به غريب يا وچولي طبقي جا ماڻهو. مٿئين طبقي ۽ اشرافيا سان ته ڄڻ ڏوهارين جو ڪو اڻ اعلانيل اتحاد هجي! پوليس ڌاڙيواليءَ ۾ ڌر بڻيل آهي، جيڪا پنهنجي منصبي فرضن جي ابتڙ ڪم ڪري رهي آهي. سنڌ جي منتظمين کي پنهنجي گوناگون مصروفيتن مان ڪجهه وقت ڪڍي امن امان ڏانهن به ڌيان ڏيڻ گهرجي. عوام جو تحفظ رياست جي ذميواري آهي.

# جمهوريت جي ثمر لاءِ سنڌ جو سفر

نصير ميمڻ

ملڪ ۾ پونچال آهي. 9 مئي ڪانپوءِ گهڻو ڪجهه بدلجي ويو آهي. سگهارا ادارا پنهنجي پوري سگهه سان سرگرم ٿي چڪا آهن. مشرف جي دور ڪانپوءِ نالي ماتري سهي پر سويلين مٿڀرائيءَ جو ٿورو گهڻو احساس پيدا ٿيو هو. روزمره جي معاملن ۾ حڪومت جي ڪجهه نه ڪجهه مرضي هلي رهي هئي. البته بنيادي معاملن تي ڇِتو ليڪو ڪڍيل هو.

ٻن وزير اعظمن کي ڏهن سالن اندر گهر پيڙو ڪيو ويو. 2018ع ۾ ماضيءَ واري ورجايل تجربي ڪانپوءِ سرڪاري انتقام پرستي، فاشزم، مذهب ۽ سياست جي ملاوت ۽ شخصيت پرستيءَ جو هڪ نئون دور شروع ٿيو جيڪو ورهين تائين هلندڙ ان دور ۾ عمران خان کي ايڏو وڏو قدآور ليڊر بڻايو ويو، جو هاڻي سرڪاري ٽوٽڪيون هڻڻ ڪانپوءِ هو ڪيس ليڊر بنائيندڙن سان اٽڪي پيو آهي. اسٽيبلشمينٽ سان ٽڪراءُ سبب سندس ناماچاري ۾ واڌ آئي آهي. جيتوڻيڪ اسٽيبلشمينٽ سان سندس ٽڪراءُ آئين، جمهوريت ۽ سويلين مٿڀرائيءَ بجاءِ پنهنجي حڪومت بحال ڪرائڻ لاءِ آهي پر بهرحال ڪيس عوامي مقبوليت ملي وئي آهي.

ان سڄي ڀڙڪ جو مرڪز پنجاب ۽ خيبر پختونخوا آهن. ظاهر آهي جتي حڪومت هوندي، ڀڙڪ به اتي ئي هوندو. اهو سلسلو هاڻي هلندو رهندو. مرڪز جو اقتدار هاڻي ان پاسي ئي رهندو. تنهنڪري سمورا نفعا نقصان به ان پاسي ئي ٿيندا رهندا. سنڌ ۾ انڪري ڪا وڏي اٿل پٿل اچڻ جو ڪو امڪان نظر نٿو اچي، جو پيپلز پارٽي اسٽيبلشمينٽ سان ڪنهن ٽڪراءَ ۾ ناهي ۽ صوبي اندر ٻي ڪا سياسي ڌر ايتري سگهاري ناهي. جو اها پ پ کي چونڊن ۾ هارائي سگهي. ايندڙ اليڪشن ۾ پ پ کي ڪراچي اندر ايم ڪيو ايم جي اتحاد سان ٿورو گهڻو چئلينج اچي ٿي سگهيو پر بدليل صورتحال ۾ اهو به ناهي رهيو. نتيجي ۾ ممڪن آهي ته ايندڙ چونڊن ۾ پيپلز پارٽي ڪراچيءَ مان به ڪجهه سوايون سيٽون کٽي وٺي ۽ وڌيڪ مضبوط شڪل ۾ اُڀري.

سنڌ کي وفاق سان ته پراڻا مسئلا آهن پر سنڌ کي ڪيترائي مسئلا صوبائي حڪومت جي ڪمزور ڪارڪردگيءَ سبب پڻ پيش اچي رهيا آهن. مثال طور، سنڌ کي وفاق کان پنهنجي حصي جيترو پاڻي نٿو ملي، پر جيڪو ملي ٿو، ان جي صوبي اندر ورڇ ۽ انتظامڪاريءَ ۾ به سنگين مسئلا آهن. سنڌ کي وفاق وٽان اين ايف سي فارمولا موجب متوقع حصي کان گهٽ پئسا ملن ٿا. پر جيڪي ملن ٿا، ان تي صوبي اندر جيڪي هٿ صاف ٿين ٿا. اهي به ڪنهن کان ڳجها ناهن. گذريل ڪجهه مهينن کان صوبي جي گاديءَ واري شهر ڪراچيءَ ۽ سنڌ جي اترين ضلعن گهوٽڪي، شڪارپور، ڪنڌڪوٽ ۽ جيڪب آباد ۾ ڪرائيم ماضيءَ جا رڪارڊ ٽوڙي رهيو آهي. سنڌ جي اترين ضلعن ۾ ڌاڙيلن جا ٽولا 80ع ۽ 90ع جي ڏهاڪن جيان سگهارا ٿي چڪا آهن. ڪيترائي ڀيرا پوليس آپريشن جا اعلان ٿيا. پوليس کي ڳرا ۽ جديد هٿيار وٺي ڏيڻ لاءِ بجيٽون به فراهم ٿيون پر نه اغوا ۽ قتل جي ڏوهن ۾ گهٽتائي آئي ۽ نه ڏوهارين خلاف ڪو آپريشن ٻڌڻ ۾ آيو. اهي ضلعا انهن با اثر سردارن جي هٿ ۾ آهن، جيڪي قانون کان وڌيڪ ڊگها هٿ رکن ٿا. پيپلز پارٽي حڪومت ان انتهائي اهم مسئلي کي لڳاتار نظرانداز ڪندي پئي اچي.

امن امان جي خراب صورتحال سبب ئي بلوچستان ۽ پنجاب جي ڊنگ وارا اهي ضلعا معاشي طور تي سگهارا نه ٿي سگهيا. نه ته سکر گهٽ ۾ گهٽ ملتان کان ته بهتر ماڳ تي آهي. سنڌ جي اتر وارو وڏو حصو، ڏاکڻي پنجاب جا ضلعا ۽ اڀرندي بلوچستان جا سنڌي آباديءَ وارا علائقا ويجها هجڻ سبب سکر جي هڪ وڏي معاشي مرڪز ٿيڻ لاءِ سمورا ڪارڻ موجود آهن. سکر جي معاشي طور تي سگهاري نه ٿيڻ سبب ملتان، بهاولپور ۽ رحيم يار خان نه رڳو معاشي طور تي بهتر مارڪيٽ بڻجي ويا پر انهن شهرن جو انفرا اسٽرڪچر، تعليم جون سهولتون به گهڻيون بهتر آهن. هاڻي سنڌ جي اترين ضلعن جا رهواسي سني خريداري، ڪاروبار ۽ تعليم لاءِ ملتان ۽ رحيم يارخان وڃن ٿا. البته اين آءِ سي وي ڊي ۽ ايس آءِ يو ٽي جي سهولت لاءِ پنجاب جا ماڻهو سکر اچن ٿا. سنڌ جي حڪمرانن پيو ته نهيو.

سکر شهر کي ڪو ڏسڻ جوڳو اڏاوتي ڍانچو به نه ڏنو. شهر جي پراڻن ٽوڙي نون علائقن ۾ روڊن رستن جي حالت زبون آهي. رواجي مينهن پوڻ تي شهر مان لنگهڻ ڏکيو ٿيو پوي. نيڪال جي نظام ٽوڙي پيئڻ جي پاڻيءَ جي لحاظ کان سکر جي حالت رحم جوڳي آهي. ساڳئي وقت سڄي علائقي ۾ سکر هڪ خوبصورت سياحتي ماڳ به بڻجي ٿي سگهيو. حڪمرانن امن امان ۽ اڏاوتي ڍانچي کي نظرانداز ڪري سکر کي بهترين شهر بڻجڻ کان محروم ڪري ڇڏيو. ايئن سنڌ جي ڪنهن ضلعي هيڊڪوارٽر کي ڏسو ته پنيرو نظر ايندو. ڪنهن به شهر جا روڊ رستا، گهٽيون ۽ ناليون ڪنهن سڌريل شهر جو ڏيک نٿيون ڏين. سنڌ ۾ 15 سالن جي حڪمرانيءَ دوران پ پ حڪومت ميونسپل جي خدمتن کي برباد ڪري ڇڏيو آهي. سمورن شهرن جا رهائشي ۽ ڪاروباري علائقا کنڊر بڻيل آهن. ميونسپل سروسز هر شهريءَ جي روزمره جي زندگيءَ جو بنيادي حصو آهن پر هاڻي سنڌ واسين جي نصيب ۾ ٽٽل ڦٽل روڊ، اٿليل ناليون، گند ڪچري سان ڀريل گهٽيون.

هر پاسي پکيڙيل حد دخليون ۽ بيماريون پکيڙيندڙ پاڻي آهي. اهو سڀ ڪجهه ٺيڪ ڪرڻ ۾ نه پنجاب رنڊڪ آهي ۽ نه ايجنسيون. مڪاني حڪومتون اهي روزمره جا ڪم سرانجام ڏينديون آهن پر انهن مقصدن لاءِ ايندڙ بجيٽ سفارشي عملي جا لشڪر پالڻ، چونڊيل عيوضين جون سياسي اوطاقون هلائڻ ۽ مقامي عهديدارن لاءِ خرچيون مهيا ڪرڻ جي وَر چڙهي وڃن ٿيون. ايئن سنڌ ۾ بنيادي خدمتن جو ڍانچو برباد ٿي چڪو آهي.

پيپلز پارٽي حڪومت مٿين سطح تي صحت جي خصوصي سهولتن جو چار خانگي شعبي جي انتظامڪاريءَ هيٺ ڏاهي ڪجهه عزت ماڻي آهي. ايس آءِ يو ٽي، اين آءِ سي وي ڊي، جناح اسپتال جي ڪينسر وارو شعبو، گمبٽ انسٽيٽيوٽ وغيره ان ڏس ۾ ڪجهه بهتر حوالا آهن پر ضلعي سطح جون اڪثر اسپتالون خراب حالت ۾ آهن. بنيادي صحت جي حوالي سان پي پي ايڇ آءِ ڪافي بهتر ڪم ڪيو آهي. تعلقي ۽ ضلعي سطح تي سرڪاري اسپتالن کي سڌارڻ جي ضرورت آهي، جتي 90 سيڪڙو کان وڌيڪ مريض اچن ٿا. ساڳي ريت اسپتالن تي مريضن جو بار گهٽائڻ لاءِ صاف پاڻيءَ جي رسد، نيڪال جو نظام ٺيڪ ڪرڻ ۽ ڳوٺن جي سطح تي ليڊي هيلٿ ورڪرز جو نظام سفارش بجاءِ اهليت جي بنياد تي هلائڻ گهرجي.

سنڌ واسي ڏهاڪن تائين آمريت جي دور ۾ ترقي جي حوالي سان ڪين نظر انداز ڪرڻ سبب پٺتي پيل رهيا آهن. عوام جي چونڊيل حڪومتن دوران به ڪين ترقيءَ جي ثمر کان محروم رکڻ انتهائي وڏي زيادتي آهي. جمهوريت جو اصل لاڀ عوام کي بنيادي حقن، سياسي آزادي ۽ معاشي ٽوڙي ترقي جي شڪل ۾ ملڻ گهرجي.

بدقسمتيءَ سان سنڌ پنهنجي قربانين ۽ ووٽ وسيلي قائم ٿيل حڪومت ۾ ان ثمر کان گهڻو پري آهي، جيڪو ان جو حق بڻجي ٿو. سنڌ کي جمهوريت جي ثمر طور رڳو ترقياتي رٿائون نه پر سماجي ۽ معاشي ترقيءَ جو هڪ روڊ ميپ گهرجي. جنهن تي مستقل مزاجيءَ سان عمل ٿئي ۽ سنڌي سماج جي بيهڪ ۾ ڪي بنيادي تبديليون اچي سگهن. ان روڊ ميپ تي ايندڙ مضمون ۾ لکندس.

ڏُکَندو اُو ٿئي، هادِي جنهن حَبِيبُ؛
تِرُ تَفاوتُ نہ ڪري، تنهنکي ڪو طَبِيبُ؛
رَهَنُما رَقِيبُ، ساٿَرِ صِحتَ سُپِرين.

# پريا ڪماريءَ جي ماءُ ڪنهن در دانهي؟

سڪندر گلاب سومرو

سنڌ ۾ انساني حقن جي وڏي پيماني تي لتاڙ جاري آهي. سرڪاري ادارن کان وٺي غير سرڪاري ادارن تائين، جهڙي طريقي سان ماڻهن کي سندن جائز گهرجن ۽ ڪمن جي عيوض تنگ ڪيو، ڦريو ۽ لٽيو ٿو وڃي، ان جو مثال نٿو ملي. هڪ طرف سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارا آهن، جيڪي عوام جو رت چوسي رهيا آهن ته ٻئي پاسي لچن لوفرن، چورن چڪارن ۽ ڌاڙيلن ماڻهن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ ۾ انسان تنگ ڪيو ويو آهي. مشهور آهي ته، "خلق آزاري خدا کي سخت ناپسند آهي." پر هت ته خلق آزاري هڪ صنعت جو درجو حاصل ڪري چڪي آهي، سو جنهن جو جتان داءُ لڳي ٿو، گهٽ ڪونہ ٿو ڪري. ڪو به ڏينهن خالي ناهي، جو اسين ڪا خير جي خبر پڙهون ۽ ڏسون. سنڌ هن وقت، رشوت خوري، ڌاڙيل گردي جو شڪار آهي. حڪومت يا ته سڪون جي ننڊ ۾ آهي يا وري سهولتڪاري ڪري رهي آهي. نه ته حڪومتون 'مائي باپ' هونديون آهن. چاهين ته هڪ هفتي اندر سنڌ ۾ امن ٿي سگهي ٿو. جن جا پيارا ڪنيا ويا آهن، اهي سڀ واپس به ٿي سگهن ٿا پر ٻليءَ کي گهنڊڻي ڪير ٻڌي!

سمرت ڪمار جي بازيابي جي خبرن بعد پريا ڪماري جي امڙ به چئي ٿي ته سندس ستن سالن جي نياڻيءَ کي بازياب ڪرايو وڃي. جيڪا گذريل 22 مهينن کان يرغمال بڻيل آهي. ڪيترائي معصوم ٻار جيڪي مهينن کان گم آهن پر نه پوليس ڪو تحرڪ ٿي وٺي، نه حڪومتي سطح تي ڌاڙيل گردي کي ٻنجو ڏيڻ جي لاءِ ڪجهه نظر اچي ٿو سواءِ خالي بيانن جي ته. "اسان عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت جو قسم کنيو آهي. اسان پنهنجين ذميوارين کي چڱي طرح سان سمجهون ٿا." "سمرت ڪمار جي بازيابي جيڪڏهن پوليس جي سچائي جو ڪارنامو آهي ته ٻيا ٻار بازياب ڇو ڪونہ ٿا ٿين؟ پريا ڪماري جي ماءُ جي ميار سنڌ کي آهي، يعني سنڌ جي گڏيل شعور کي آهي ته اهو پريا جي لاءِ آواز اٿاري. بلڪل اهڙي طرح سان، جهڙي طرح سان سمرت ڪمار، آديش ۽ ٻين ٻارن جي لاءِ آواز اٿاريو ويو. گذريل ڪجهه مهينن کان هڪ پاسي اخبارون ڌاڙيل گردي جي خبرن سان ڀريون پيون آهن ته ٻئي پاسي سوشل ميڊيا تي معصوم ٻارن جي بازيابي جي لاءِ ڀرپور قسم جون مهمون به جاري آهن. ماءُ جنهن جو ٻچڙو اغوا ڪيو ويو هجي، اها ڪيڏي نه اذيت مان گذري ٿي! قصو مشهور آهي ته هڪ ڇوڪرو جيڪو پنهنجي شڪل ۽ صورت جي حساب سان پورو سارو هو هڪ ڏينهن پنهنجي هاسٽل جي ڪمري اندر حسبِ معمول جڏهن آئيني جي سامهون آيو پاڻ کي سنوارڻ لڳو ته. پنهنجي تعريف ڪجهه هنن لفظن ۾ ڪرڻ لڳو: "مان ڪيڏو نه سهڻو آهيان. جي مان سونهن جي مقابلي ۾ حصو وٺان ته مونکي پڪ آهي ته، مان اهو مقابلو کٽي ويندس." تنهن تي ڀريان ويٺل سندس دوست هڪدم ورائي ڏنس ته "هڪ شرط آهي." "شيشي سامهون ويٺل نوجوان پڇيس "ڪهڙو؟" جواب مليس ته. "جيڪڏهن جج صرف ۽ صرف توهان جي ماءُ هجي." "هن قصي مان هڪ ماءُ جو پنهنجي اولاد جي لاءِ حساسيت جي پرک جو اندازو ٿي وڃي ٿو ته اها پنهنجي اولاد کي ڪهڙي نظر سان ڏسي ٿي ۽ اهميت ڏئي ٿي. ماءُ دنيا ۾ هڪ اهڙي هستي هوندي آهي، جيڪا پنهنجي اولاد جو غم هڪ منٽ ته ڇا هڪ سيڪنڊ به برداشت ناهي ڪري سگهندي. نه صرف ايترو پر پنهنجي اولاد کي ٻين جي اولاد کان بهتر به سمجهندي آهي. اسان هي چئي سگهون ٿا ته (هر) ماءُ جو اهو عمل معاشرتي ۽ سماجي طور تي وڙنائتو ڪٿي نه به هجي پر نفسياتي ۽ فطرتي طور تي سئو سيڪڙو درست آهي. اولاد تڪليف ۾ هوندو آهي ته سڄي گهر ۾ جنهن فرد جو سک ۽ آرام قتل هوندو آهي، بي چيني ۽ ننڊ قتل هوندي آهي ته اها اڪيلي ماءُ ئي هوندي آهي، جيڪا پنهنجي اولاد جي تڪليف دور ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي مڙس، گهرڀاتين کي ايلاز منٿ ڪرڻ سان گڏ، رب جي دربار ۾ به دعائون گهرڻ ۾ وسان ناهي گهٽائيندي.

مائرون، امڙيون جن جا معصوم ٻار ڌاڙيلن جي هٿان ڪنيجي چڪا آهن. ڌاڙيل ٻارن جي واپسي جي عيوض لکن ڪروڙن جا مطالبا ڪري رهيا آهن. اهو ثابت ٿو ڪري ته سنڌ هاڻي "ڌاڙيلستان" بڻجي چڪي آهي. اسان پنهنجي سانير ۾، سنڌ ۾ ڌاڙيل گردي جو عروج آمر ضياءَ جي دور ۾ ڏٺو ۽ ٻيو 90ع واري ڏهاڪي ۾ ۽ وري هن وقت ڏسي رهيا آهيون. سنڌ تي جنهن پارٽي جي حڪومت آهي، اها پارٽي ملڪ ۾ جمهوريت ۽ انساني حقن جي بحالي لاءِ پنهنجي سياسي جدوجهدن جي ۽ عوامي خدمتن جي حوالي سان هڪ شاندار تاريخ رکي ٿي پر، افسوس جو ساڳي پارٽي گذريل پندرنهن سالن کان ملڪ ۾ پنهنجي سياسي سودي بازين ۽ سنڌ جو جيڪو حال ڪري چڪي آهي، ان حوالي سان به هڪ تاريخ رقم ڪري رهي آهي. صرف 31 مئي واري پنهنجي اخبار ۾ لڳل هڪ مک سرخي کي ڏسو ته ڇا ٿي چئي: "سنڌ وري ڌاڙيل اسٽيٽ بڻجڻ لڳي. 4 ٻارن سوڌو 40 ڄڻا ٻاندي بڻيل، ڪروڙين رپيا ڀنگ طلب. پوليس بيوس بڻيل "هن قسم جي ڇتي ڳالهه ڇا سنڌ حڪومت ۽ عوامي پارٽي کي عوام جي جان ۽ مال جي حفاظت ڪرڻ جي لاءِ پنهنجي آئيني ذميداري کي نڀائڻ جي لاءِ ڪافي ناهي؟ يا اڃان ڪو وڌيڪ ٻارڻ مچڻ جو انتظار ٿي رهيو آهي؟ اڃان وڌيڪ معصوم ٻارن ۽ ماڻهن جي ڪنهجڻ جو انتظار ٿي رهيو آهي؟ ساڳي تاريخ واري پنهنجي اخبار ۾ سنڌ جي آءِ جي جو بيان ڏسو ته هو ڇا ٿو چئي: "ڪنهن کي به گهرن ۾ گهڙي ماڻهو اغوا ڪرڻ جي اجازت نه ڏبي." مطلب ته گهرن مان ماڻهو ڪڻڻ جي اجازت ناهي، باقي جتان وٺي، اتان ڪڻو توهان کي ڪير ڪجهه به نه چوندو. عظير ميٽڪ، نازيا، ڪوثر ڪوسو هي اهي ٻار آهن، جيڪي اڃان به ڌاڙيلن جي چنبي ۾ آهن. 22 مهينن کان گم پريا ڪماري ڪٿي آهي؟ هي آهن اهي سوال جيڪي ننڍڙي سمرت ڪمار جي بازيابي بعد سڄي سنڌ اختيار ڏٿين کان پڇي رهي آهي. پريا ڪماري کي 19 آگسٽ، 2021ع تي سکر ضلعي جي ننڍڙي وستي سنگرار مان اغوا ڪيو ويو. اڄ ڏينهن تائين بازياب ناهي ٿي سگهي. نياڻيءَ جي جدائيءَ ۾ حال هيڻا ڪندڙ امڙ، سمرت ڪمار سميت ٻين ٻارن جي بازيابي جي خبرون ٻڌيون ته هن جون ستل اميدون جاڳي پيون. هوءَ چئي ٿي، "ٻين مائرن جون هنجون آباد ٿيڻ تي خوش آهيان پر منهنجي نياڻي جو بازياب نه پئي ڪرائي وڃي؟ ڇا آئون ماءُ ناهيان؟ منهنجي غلطي اها آهي ته مون ميڊيا تي دانهون ناهن ڪيون. خدا جي واسطي منهنجي نياڻي بازياب ڪرائي ڏيو" پريا ڪماري جو پيءُ راجو مل چئي ٿو ته. "پريا کي اڻڄاتل ماڻهن ٻارن 10 محرم الحرام تي ماتمي جلوس جي عزادارن لاءِ گهر کان چند قدمن جي مفاصلي تي لڳايل سبيل تان اغوا ڪيو ويو" "معصوم پريا ڪماريءَ جي امڙ ۽ والد راجو مل، پي پي پي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ کي اپيل ڪندي چيو ته سندن جي نياڻي جي جلد بازياب ڪرايو وڃي. خاندان جي دلين مان بي چيني جو خاتمو ڪيو وڃي. اندازو لڳايو ته جن جا ٻار اغوا ٿيا آهن، پيارا گم آهن، تن جي دلين تي ڇا گذري رهي آهي. سيني کان وڌيڪ ته هڪ ماءُ جي دل تي ڇا گذري رهي آهي، جنهن لاءِ اولاد جو غم پهاڙ مثل هوندو آهي.

بقايا 01 ***

ڪري ورتيون آهن اميد آهي ته هلندڙ مهيني سلي خبر ٻڌڻ جي لاءِ ملندي. وزيراعظم وڌيڪ چيو ته ڪجهه قدم بورڊ جي منظوري ڪان پوءِ کنيا ويندا آهن پر هن ڀيري آءِ ايم ايف بورڊ جي منظوري ڪان اڳ جيڪي قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو هو اهي اسان مڪمل ڪري ڇڏيا آهن. پاڪستاني عوام ماضي ۾ چيلنجز کي منهن ڏئي چڪي آهي ضرورت پئي ته آئنده به چيلنجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ تيار آهيون. شهباز شريف چيو ته اپريل 2022 ۾ ان وقت جي حڪومت طرفان آءِ ايم ايف سان ڪيل معاهدي جي ڀڃڪڙي سبب ڊيفالٽ جي ويجهو پهچي چڪو هو تباهي آئينده پوڻ به پاڪستان جي پريشانين ۾ اضافو ڪيو عالمي صورتحال سبب پاڪستان کي مهانگائي کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي.

بقايا 02 ***

دڪان رات 8 وڳي بند ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. ڪمرشل ايريا رات 8 وڳي بند ٿيندا. احسن اقبال وڌيڪ چيو ته ترقي ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجا رويا تبديل ڪرڻا پوندا. خدشو آهي ته هن سال جي آخر تائين تيل جي قيمت 100 ڊالرن تائين نه پهچي وڃي، هن چيو ته نيشنل اڪنامڪ ڪائونسل کي 2035ع جي آئوٽ لڪ تي بريفنگ ڏني وئي. رٿابندي واري وفاقي وزير چيو ته اندازو لڳايو ويو آهي ته 2035 تائين 570 ارب ڊالرن جي معيشت ناهي سگهجي ٿي. انهن مقصدن لاءِ سياسي استحڪام ضروري آهي هن چيو ته ايندڙ مالي سال جي ترقياتي بجيٽ 1150 ارب رپيا رکي وئي آهي. غريب ترين 20 ضلعن کي ترقي ڏني ويندي. احسن اقبال چيو ته نوجوانن جي ترقي لاءِ 100 ارب رپيا رکيا پيا وڃن. اجلاس ۾ پنج اي فريم ورڪ جي منظوري ڏني وئي. حڪومت گرين انرجي کي فروغ ڏيندي. ايل اي ڊي بلب لڳايا ويندا. هن چيو ته اي پاڪستان ذريعي ڊجيٽل انقلاب آندو ويندو، سيني لاءِ انٽرنيٽ کي فروغ ڏنو ويندو. نيشنل فلڊ پروٽيڪشن ۽ فوڊ سيڪيورٽي گرين ريووليوشن منصوبا پڻ شروع ڪيا ويندا. رٿابندي واري وفاقي وزير چيو ته پاڪستان جي برآمدات کي وڌائي 100 ارب ڊالرن تائين پهچايو وڃي. معيشت کي بهتر بڻائڻ لاءِ برآمدات کي فروغ ڏنو وڃي. هن چيو ته سائبر سيڪيورٽي ۽ آرٽيفيشل انٽيليجنس کي فروغ ڏيڻ لاءِ اي پاڪستان تمام وسيع منصوبو آهي. ان لاءِ نيشنل سينٽر فار مينوفيڪچرنگ ناهينداسين. احسن اقبال چيو ته هو ماحوليات جي شعبي کي اوليت ڏيندا. واٽر سيڪيورٽي کي فروغ ڏينداسين. اسان ملڪ مان دهشتگردي جو خاتمو ڪيو ۽ هاڻي ملڪ جا معاشي مسئلا حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته پاڪستان هن وقت موسمياتي تبديلي جي ڪري سخت خطرن کي منهن ڏئي رهيو آهي. زراعت ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال ذريعي سبز انقلاب آندو ويندو.

بقايا 03 ***

ڇڏيو. وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت هيٺ قومي اقتصادي ڪائونسل جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ناڻي واري وزير اسحاق ڊار، رٿابندي بابت وزير احسن اقبال سميت ٻين وزيرن ۽ سنڌ، پنجاب ۽ خيبر پختونخواهه جي وڏن وزيرن شرڪت ڪئي. جڏهن ته بلوچستان حڪومت اجلاس جو بائيڪاٽ ڪيو قومي اقتصادي ڪائونسل جي اجلاس ۾ ايندڙ مالي سال جي ترقياتي منصوبن جو جائزو ورتو ويو. بلوچستان جي سينيٽ ۽ قومي اسيمبلي ميمبرن طرفان وفاقي حڪومت جي تجويز ڪيل منصوبن کي ساليائي ترقياتي پروگرام ۾ شامل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي.

بلوچستان حڪومت جو چوڻ آهي ته وفاقي حڪومت واعدن تي عمل ناهي ڪيو. وفاقي حڪومت جو رويو ڏسي اجلاس ۾ شرڪت نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

بقايا 04 ***

ذريعن موجب نيشنل اڪنامڪ ڪائونسل ايندڙ مالي سال جي بجيٽ لاءِ هدف تيار ڪري ورتا. جنهن تي ناڻي واري وزير اسحاق ڊار وزيراعظم شهباز شريف کي بريفنگ ڏني. ذريعن جو چوڻ آهي ته ايندڙ مالي سال جي بجيٽ جي ڊي پي جي 7.7 سيڪڙو مالياتي خساري تان تيار ڪئي وئي آهي. وفاق ۽ صوبن کي ملائي 7.1 سيڪڙو مالياتي خساري جي بجيٽ تيار ڪئي وئي آهي. ذريعن موجب بجيٽ ۾ 6 هزار ارب رپين کان وڌيڪ جو مالياتي خسارو هوندو. جڏهن ته قرض ۽ وياج جي ادائيگين تي 7300 ارب رپيا خرچ ڪيا ويندا ذريعن جو چوڻ آهي ته ايندڙ بجيٽ ۾ دفاع لاءِ 1800 ارب رپيا رکڻ جي تجويز ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام لاءِ 430 ارب رپيا رکڻ جي تجويز آهي. ذريعن موجب ايف بي آر لاءِ 9200 ارب جو ٽارگيٽ رکيو ويو آهي. نان ٽيڪس آمدني جي مد ۾ 2800 ارب رپين جو ٽارگيٽ رکيو ويو آهي.

بقايا 05 ***

ريڪارڊ ڪٿان ڪان ۽ ڪيئن ٿي رهيون آهن؟ اهو سڀ ڪجهه ڪير ڪري رهيو آهي؟ اٽارني جنرل چيو ته مان ٻهرين بينچ جي جوڙجڪ تي دليل ڏيندس. چيف جسٽس چيو ته توهان کي پوائنٽ تي پيا وڃو ته اسان مان 3 جج تڪراري آهن؟ جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ توهان کي ٻڌائڻو پوندو ته توهان ڪهڙي بنياد تي اهو فرض ڪري ورتو ته اسان مان ٽن ججن جو مفادن جو ٽڪراءُ آهي؟ اٽارني جنرل چيو ته آڊيو ليڪس مان هڪ چيف جسٽس جي سس بابت آهي. وفاقي حڪومت حقيقتون جاچڻ لاءِ ئي ڪميشن ناهي آهي. جسٽس منيب اختر پڇيو ته ڇا وفاق کي خبر ناهي ته آڊيوز تصديق ٿيل آهن يا نه؟ وفاقي گهرو وزير آڊيوز تي ته پريس ڪانفرنس به ڪري چڪو آهي. پريس ڪانفرنس دوران ڪجهه آڊيوز هلايون به ويون آهن. ڇا اهو قانوني طور درست آهي ته جنهن کي آڊيوز جي حقيقت جي خبر ئي نه آهي اهو بينچ تي اعتراض اٿاري؟ گهرو وزير پريس ڪانفرنس ڇو ڪئي؟ ڇا اهڙي لاپرواهي جو مظاهرو ڪري سگهجي ٿو؟ اهڙي بيان ڪانپوءِ ته هن وزير کي هٽايو وڃي ها يا هو استعيفا ڏئي ها اٽارني جنرل چيو ته ڇا هڪ وزير جو بيان سموري حڪومت جو بيان تصور ڪري سگهجي ٿو؟ جسٽس منيب اختر چيو ته ائين ته پوءِ ڪنهن به جج کي هٽائڻ آسان ٿي ويندو. ڪنهن جج کي ڪيس تان هٽائڻو آهي ته ان جي نالي سان آڊيو ناهي ڇڏيو. ڪيس ڪان ڌار ٿيڻ پنهنجا قانوني جواز هوندا آهن. ائين ناهي ته ڪير به اچي چئي ڇڏي ته جج صاحب فلاڻو فلاڻو ڪيس نه ٻڌي

بقايا 06 ***

قريشي صحافين سان ڳالهائڻ وقت بار بار چوندو رهيو ته انصاف جو جهنڊو منهنجي هٿ ۾ آهي. اڄ پي ٽي آءِ چيئرمين سان ملاقات ڪندس

بقايا 07 ***

بينچ جماعت اسلامي جي درخواست اڪلائي ڇڏي. چيف جسٽس عمر عطا بنديال جماعت اسلامي جي وڪيل کي چيو ته جماعت اسلامي ملڪ ۾ سياسي اتفاق راءِ پيدا ڪرڻ لاءِ مثبت ڪوشش ڪئي. هتي عدالت آڏو معاملو مختلف آهي. عدالت لاءِ ممڪن نه آهي ته ڪي اليڪٽرڪ جي نجڪاري جي گهرائي ۾ وڃي جماعت اسلامي جي وڪيل چيو ته اسان نيپرا ۽ ڪائونسل آف ڪمپلينٽ سان رجوع ڪرڻ

چاهينداسين. چيف جسٽس جماعت اسلامي جي وڪيل کي چيو ته توهان جي وڏي مهرباني چيف جسٽس چيو ته توهان واڳيل فورم تي نه ويندا ته پوءِ اسان پنهنجو فيصلو ٻڌائينداسين. هڪ جڊيشل فورم اهو چئي ڇڏيو ته هن معاملي ۾ نه ٿا پئون ته پوءِ توهان کي ٻيا فورم به اهو ئي جواب ڏيندا جسٽس اطهر من الله چيو ته مان پنهنجي حد تائين ته اهو چوندس ته اسان کي پارليامينٽ کي مضبوط ڪرڻو آهي. اهڙا معاملا 184 تي تحت هتي نه ٿا ڏسي سگهجن

بقايا 08 ***

پاڪستان ۽ عراق وچ ۾ لاڳاپن ۽ ٻطرفن معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات دوران ڳالهه ٻولهه ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان ۽ عراق وچ ۾ پارلياماني شعبي ۾ تعاون ٻنهي ملڪن جي ڀائپي لاڳاپن ۾ وڌيڪ اضافو جو سبب بڻجندو هن چيو ته پاڪستان ۽ عراق وچ ۾ اعليٰ سطحي پارلياماني لاڳاپا هڪ ٻئي جي تجربن مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ اهم آهن عراق جي حڪمت پارٽي جي صدر عمار حڪيم سان ملاقات ۾ ٻنهي اڳواڻن پاڪستان ۽ عراق وچ ۾ سياسي لاڳاپن سميت گڏيل دلچسپي جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ان موقعي تي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان ۽ عراق وچ ۾ اعليٰ سطحي سياسي لاڳاپا ٻنهي ملڪن لاءِ اهم آهن. عراقي اسلامڪ سپريم ڪائونسل جي سربراهه همام حمودي سان ملاقات ۾ پاڪستان ۽ عراق وچ ۾ صحت جي شعبي ۾ سهڪار وڌائڻ تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته پاڪستان ۽ عراق مذهب ۽ روايتن جي ڳانڍاپن ۾ ڳنڍيل بهترين دوست آهن. پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ۽ عراقي گهرو وزير عبدالامير الشمري وچ ۾ ملاقات ۾ پاڪستاني زائرين ۽ ڪاروباري برادري لاءِ عراقي ويزا جي سهولت تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداري ۽ عراقي گهرو وزير عوامي رابطا وڌائڻ لاءِ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو.

بقايا 09 ***

هلائڻ وارن کي خبر هجڻ گهرجي ته مان اڄ سياست ۾ جنهن پوزيشن ۾ آهيان ان ۾ ادي فريال ٽالپر جو وڏو ڪردار آهي. ان کان هميشه سکڻ لاءِ ملندو آهي سندس شفقت کان بغير مان ڪجهه به ناهيان. ڪي ايم سي جي ميئر جي لاءِ اعتماد ڪرڻ تي پارٽي قيادت ۽ حمايت ڪندڙن جو ٿورائتو آهيان. هو گذريل ڏينهن ڪورنگي ايسوسيئيشن آف ٽريڊ اينڊ انڊسٽري (ڪاٽي) جي دوري جي موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائي رهيو هو بئريسٽر مرتضيٰ وهاب وڌيڪ چيو ته ميئر ڪراچي جي معاملي تي پيپلز پارٽي ۾ گروپ بندي جون خبرون بي بنياد آهن اهڙيون خبرون هلائيندڙ حقيقتن کي مسخ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن مون سميت پارٽيءَ جي 7_8 ميمبرن ڪي ايم سي جي ميئر لاءِ ڪاغذ جمع ڪرايا هئا. جنهن ۾ سينيئر اڳواڻ مسرور احسن، نجمي عالم، لياقت آسڪاڻي ۽ ٻيا پڻ شامل هئا. پر پارٽي قيادت صلاح مشوري ڪان پوءِ اها اهم ذميواري مون کي سونپي آهي. جنهن لاءِ مان قيادت جو ٿورائتو آهيان ۽ ان اهم ذميواري کي احسن طريقي سان نڀائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندس. هن چيو ته ائين ناهي ته مون کي ادي فريال ٽالپور جي حمايت ناهي، هوءَ منهنجي لاءِ تمامقابل احترام آهي ۽ مون تي ان جي شفقت جي ڇانوَ آهي. ڪانس هميشه ڪجهه نه ڪجهه سکڻ لاءِ ملندو آهي. هو ڪارڪنن کي سياست بابت درس ڏيندي رهندي آهي. سياست ۾ اڄ مان جنهن مقام تي آهيان ان ۾ محترم فريال ٽالپور جو وڏو ڪردار آهي. منهنجي لاءِ سندن حيثيت ۽ عزت وڌيڪ اضافو ٿيو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته نجمي عالم منهنجو سينيئر آهي هو منهنجي ماءُ سان سياست ڪندو هو اسان گڏجي هن شهر جي خدمت ڪنداسين پيپلز پارٽي ٻين سياسي پارٽين کان مختلف آهي هتي گروهه بندي جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. پر مسئلن تي اختلاف هر جاءِ تي آهن جن کي خوشيءَ سان سنڀاليو وڃي ٿو بئريسٽر مرتضيٰ وهاب پنهنجي خطاب ۾ چيو ته مان ڪيترائي ڀيرا ڪاٽي آيو آهيان. ايس ايم منير مرحوم سان ڏاڍو پيار جو رشتو هو رشتا هميشه قائم رهندا آهن. مان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، آصف علي زرداري ۽ فريال ٽالپور جو شڪرگذار آهيان پارٽي قيادت مون تي اعتماد ڪيو ۽ مون کي ڪراچي جي ميئر لاءِ نامزد ڪيو چونڊون 15 جون تي ٿينديون. هڪ برج لهندو انشاء الله ڏرڻ جي سياست کان ٻاهر اچي ڪراچي جي چارٽر تي متحد ٿيڻو پوندو. ڪراچي جي ترقي لاءِ سڀني کي ڪم ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن چونڊجي ويس ته عوام جو آواز ايوانن ۾ هوندو ڪراچي پاڪستان جو صنعتي ۽ مالي مرڪز آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي صوبي ۾ آهي ۽ وفاق ۾ اتحادي آهيون. پرڏيهي وزير ۽ واپار وارو وزير پيپلز پارٽي جو آهي. هاڻي 15 جون کان پوءِ ڪراچي ڪائونسل ۾ به توهان جو آواز اٿندو. جيڪڏهن چونڊجي ويس ته اختيار لاءِ نه روئندس. موجوده وسيلن کي استعمال ڪندي مسئلا حل ڪندس. ڪراچي جي عوام بلاول ڀٽو جي آواز تي لبيڪ چئي اسان کي اڪثريت ڏني. جڏهن ڪراچي جو ايڊمنسٽريٽر هوس ته ڪورنگي جو ويسٽ مئنيجمينٽ سسٽم ڊي ايم سي وٽ هو. اسان ڪورنگي ۾ سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ آندو هاڻي گندگي جو مسئلو ڪافي حد تائين حل ٿي ويو آهي ڪورنگي ۾ به سيوريج جو مسئلو تمام گهڻو وڏي ويو 78 سيوريج گاڏيون آرڊر ڪيون ويون آهن. ڪورنگي ۾ به فائر برگيڊ جون گاڏيون موجود آهن. بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو ته 9 مئي تي تبديلي جو نعرو لڳائيندڙن شاهراهه فيصل تي گاڏيون ساڙيون. پنج ايم جي ڊي واٽر لائين پڻ جاري آهي سينيٽيشن پلانٽ لڳائي رهيا آهيون. سائيٽ انڊسٽريل ايريا ۾ 2 سيوريج پلانٽ جي فزيبلٽي تيار ڪئي وئي آهي. بجيٽ ۾ ڪي فور منصوبي مان 265 ايم ڊي جي پاڻي ڏنو ويندو. حب ڊيم مان نئين لائين وڇائي پئي وڃي. ڪراچي کي 45 ايم ڊي جي وڌيڪ پاڻي ملندو. 2016ع ۾ سيني ڪان پهرين سنڌ جي وڏي وزير ڪاٽي کي پئسا ڏنا ته جيئن هو پنهنجي مرضي سان ترقياتي ڪم ڪرائي سگهي، پر انهي تشهير ناهي ڪئي ڪورنگي ڪاز وي لاءِ فنڊ جلد ملندا قيوم آباد کان سرجن فيض روڊ تائين نئين پل ناهي پئي وڃي. ايندڙ 15 کان 16 مهينن ۾ اهي پل تعمير ڪري ڏينداسين جام صادق پل جي سريي چوري ٿيڻ جي رڊيو ماڻهن موڪلي، جام صادق پل ۾ وڌيڪ 4 نيون لائينون لڳايون پيون وڃن. ڪورنگي روڊ تي ۾ وڌيڪ فلائي اوور به تعمير ڪيا پيا وڃن. اسان تي الزام آهي ته اسان هن شهر کي اون نه پيا ڏيون. هي سچو ڪم پيپلز پارٽي ڪري رهي آهي. ملير ايڪسپريس وي 29 ارب رپين جي لاڳت سان تعمير ڪيو پيو وڃي. 14 آگسٽ تائين پهرين مرحلو مڪمل ڪيو ويندو. جنهن کي ايئرپورٽ تائين کوليو ويندو. ڪورنگي کان موٽروي تائين پهچڻ آسان ۽ گهٽ وقت ۾ ممڪن ٿيندو تنقيد ڪرڻ وارا تنقيد ڪندا اسان ڪم ۽ خدمت تي يقين رکون ٿا. هن چيو ته نين بسن جي ڪري ماڻهو 50 رپين ۾ آرام سان سفر ڪري رهيا آهن. وڌيڪ بسن لاءِ پڻ ڪم ڪري رهيا آهيون. 1122 ۾ وڌيڪ 50 ايمبولينسز ۽ 25 موبائيل ليبارٽريز جي منظوري ڏني وئي آهي. ڪورنگي ۾ ڪيترائي روڊ ناهيا ويا آهن. ڪورنگي 2.5 ۾ آئزم سينٽر ناهيو ويو آهي ڪورنگي ۾ جيسٽ يونٽ ڪم ڪري رهيو آهي. سنڌ حڪومت هر سال انڊس اسپتال کي فنڊ ڏئي رهي آهي ته جيئن غريب عوام کي صحت جون سهولتون ملن. جلد ئي ڪورنگي ۾ به يلو لائين هلندي. ڪراچي جي بهتري لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون. تقريب کي ڪاٽي جي صدر فراز الرحمان ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو، جڏهن ته شهر جي ترقي لاءِ پيپلز پارٽي جي خدمتن کي ساراهيو.

بقايا 10 ***

عافيا سان جهيڙو ٿيو. ان دوران جو مڙس مهتاب آيو. جنهن اظهر خان کي ڌڪ زخمي ڪيو. زخمي کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو پوليس موجب اسپتال ۾ ڊاڪٽرن اظهر خان جي موت جي تصديق ڪئي جنهن بعد جوابدار پنهنجي ساٿين سان گڏجي لاش کار ۾ کڻي ايڌي سرد خاني رکرايو پوليس جو چوڻ آهي ته مقتول جي وارثن جي مرضي موجب ڪيس داخل ڪيو ويندو، واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون

بقايا 11 ***

بحران کان ڪڍڻ لاءِ قومي ليڊرشپ کي هڪ ميز تي ويهي ڳالهين ذريعي سياسي حل ڳولڻ ۽ عام چونڊن لاءِ هڪ تاريخ تي اتفاق ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. 09مئي جي واقعن جو بهانو ٻڌائي چونڊون ملتوي ڪيون ويون ته ان سان ملڪ ۽ قوم جو وڌيڪ نقصان ٿيندو. جماعت اسلامي نظرياتي، فلاحي ۽ انقلابي جماعت آهي جنهن جي قيام جو مقصد ملڪ ۾ قرآن ۽ سنت واري شرعي نظام جو نفاذ آهي. "اسلامي ۽ خوشحال پاڪستان" تنڙي "حل صرف جماعت اسلامي" رڳو دعوي ۽ نعرو نه بلڪ اسان وٽ مخلص، قابل ۽ ديانتدار قيادت سان گڏو گڏ ويزن به آهي ته اسان ان مقصد کي حاصل ڪري سگهون. ڪراچيءَ ۾ جماعت اسلامي پاپولر ووٽ ۽ سپورٽ ۾ نمبر ون پارٽي آهي ان ڪري ڪراچي جي ميئرشپ تي اسان جو حق ٿهي ٿو. عوامي مينڊيٽ جو احترام سڀني تي لازم آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن قباء آڊيٽوريم ۾ جماعت اسلامي سنڌ پاران "داعي قرآن و سنت ڪورس ٽرينر ورڪشاپ" کي خطاب ڪندي ڪيو. جڏهن ته ڏينهن واري ورڪشاپ کي صوبائي امير محمد حسين محنتي، نائب امير ممتاز حسين سهتو حافظ نصرالله چنا، آفتاب ملڪ ۽ پروفيسر سعيد احمد ڏامراه پڻ خطاب ڪيو. لياقت بلوچ جو وڌيڪ چوڻ هو ته پاڪستان قيامت تائين قائم رهندو، پر مفاد پرست طبقي پنهنجي ذاتي مفادن تي ٻڌل پاليسين جي ڪري ملڪ جون پاڙون لوڏي ڇڏيون آهن. عالم سڳورا منبر ۽ محراب جي پليٽ فارم تان معاشري جي اصلاح سان گڏ اسلامي انقلاب لاءِ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪن.#

بقايا 12 ***

چيو آهي ته حڪومت اهو فيصلو واپس وٺي، اجمل بلوچ چيو ته هن اونهاري ۾ رات 8 وڳي دڪان بند نه ٿيندا. هر حڪومت رات 8 وڳي دڪان بند ڪرڻ جي ناڪام مشق ڪئي آهي. هن چيو ته اونهاري جي موسم ۾ ڏينهن جي وقت ڪا به خريداري ناهي ٿيندي. اجمل بلوچ موجب اونهاري جي موسم ۾ خريداري صرف رات 8 وڳي کان رات 11 وڳي تائين ٿيندي آهي. واپاري ملڪ ۾ سڀ کان مهانگي بجلي خريد ڪري ٿو هن چيو ته توانائي بچائڻ لاءِ معاشي چرخ کي روڪڻ عقلمندي ناهي. توانائي واري وزير کي ڪاروباري نمائندن سان ويهڻ گهرجي.

بقايا 13 ***

هوڏانهن وزيراعظم شهباز شريف جي هدايت تي بجيٽ کان اڳ عوام کي خاص رليف ڏنو ويو آهي. يوٽيليٽي اسٽورن تي سبسڊائزڊ گيهه جي في ڪلو قيمت ۾ 80 رپين تائين لاٿ ڪئي وئي آهي. بناسپتي گيهه جي اگهه ۾ لاٿ جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪيو ويو آهي. نوٽيفڪيشن موجب گيهه جي قيمت 490 رپين مان گهٽجي 410 رپيا ٿي وئي آهي. جڏهن ته بي آءِ ايس پي جي رجسٽرڊ واهپيدارن لاءِ گيهه 300 رپيا في ڪلو هوندو.

بقايا 14 ***

جي قتل ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين کي نامزد ڪيو وڃي. عبدالرزاق شر کي ٽارگيٽ ڪري قتل ڪيو ويو آهي جيڪو بار جو سرگرم ميمبر هو هن چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف هڪ ڪيس بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي هيٺ آهي. پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف سياسي سنگين غداري ڪيس جي ٻڌڻي ٿيڻي هئي. ڪيس جي وڪيل ۽ درخواستگذار کي اڄ ٽارگيٽ ڪلنگ ڪري شهيد ڪيو ويو عطا تارڙ چيو ته اها ٽارگيٽ ڪلنگ ڪو معمولي واقعو نه آهي. عبدالرزاق جي قتل جو ذميوار پي ٽي آءِ چيئرمين آهي. ڪيس ۾ پي ٽي آءِ چيئرمين کي نامزد ڪيو وڃي. قتل جي شفاف جاچ کي يقيني بنايو ويندو. پي ٽي آءِ چيئرمين جيڪڏهن اڄ جيل ۾ هجي ها ته اڄ اهو واقعو پيش نه اچي ها. عطا تارڙ چيو ته پي ٽي آءِ چيئرمين کي توشه ۽ ٻين ڪيسز ۾ اسٽي ڏنو ويو هي 9 مئي جي واقعن تي پردو وجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پر اسان ڪين اسٽي آرڊر پٺيان لڪڻ نه ڏينداسين. واضح رهي ته ڪوئٽا ۾ ايئرپورٽ روڊ تي فائرنگ سبب سپريم ڪورٽ جو وڪيل عبدالرزاق شر مارجي ويو آهي. هو پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف سنگين غداري ڪيس جو درخواستگذار هو.

بقايا 15 ***

عليہ السلام جي روضي مبارڪ تي حاضري ڏني. بلاول ڀٽو زرداري امام موسيٰ ڪاظم عليہ السلام جي روضي مبارڪ تي حاضري ڀري امت مسلم جي اتحاد ۽ ملڪ جي خوشحالي لاءِ دعا گهري. بلاول ڀٽو زرداري امام موسي ڪاظم جي روضي تي ٻوٽو پڻ لڳايو. بلاول ڀٽو زرداري شيخ عبدالقادر جيلاني جي مزار تي پڻ حاضري ڀري. بلاول ڀٽو زرداري جي لاءِ شيخ عبدالقادر جيلاني جي مزار جي نشين جالي کي خصوصي طور کوليو ويو پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري شيخ عبدالقادر جيلاني جي مزار تي فاتحه خواني ڪئي ۽ گلن جي چادر چاڙهي. ان کان اڳ بلاول ڀٽو زرداري جو درگاهه شيخ عبدالقادر جيلاني جي سجاده نشين شيخ خالد عبدالقادر المنصور الجيلاني استقبال ڪيو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري کي شيخ عبدالقادر جيلاني جي مزار شريف جي سجاده نشين شيخ خالد عبدالقادر المنصور الجيلاني مزار جي مختلف حصن جو دورو ڪرايو.

بقايا 16 ***

شر کي ڪوئٽا جي علائقي ايئرپورٽ روڊ ويجهو عدالت ويندي نامعلوم ماڻهن فائرنگ ڪئي جنهن سبب هو ٿڏي تي ئي قتل ٿي ويو. پوليس موجب فائرنگ کان پوءِ جوابدار موقعي تان فرار ٿي ويا. پوليس کي واقعي واري هنڌان نائن ايم ايم پستل جا خول مليا آهن. عبدالرزاق شر پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف بطور وزيراعظم آئين ٽوڙڻ تي آرٽيڪل 6 جي تحت سنگين غداري جو ڪيس داخل ڪرڻ لاءِ بلوچستان هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست به داخل ڪئي هئي. ايس پي شفقت جنجوعي چيو آهي ته فوتي جا وارث بنا پوسٽ مارٽم جي سول اسپتال مان لاش پاڻ سان گڏ کڻي ويا آهن بلوچستان جي وڏي وزير عبدالقدوس بزنجو وڪيل عبدالرزاق شر جي قتل واري واقعي جو نوٽيس وٺندي آءِ جي پوليس کان واقعي جي رپورٽ طلب ڪري ورتي آهي. وڏي وزير چيو ته واقعي جي سمورن رخن کان جائزو وٺي رپورٽ پيش ڪئي ويندي. ٻئي طرف بلوچستان بار ڪائونسل ڪوئٽا سميت سڄي صوبي ۾ عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ ڪري ڇڏيو آهي. عبدالرزاق شر جي درخواست تي پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف سنگين غداري جي درخواست تي ٻڌڻي 7 جون تي ٿيڻي هئي وارثن جو چوڻ آهي ته عبدالرزاق جي قتل جو ڪيس پي ٽي آءِ چيئرمين خلاف داخل ڪرائينداسين.

بقايا 17 ***

ڪان 1500 ڪلوميٽر پري آهي. ڊپريشن 18 ڪان 24 ڪلاڪن دوران وڌيڪ شدت اختيار ڪري سگهي ٿو موسميات کاتي جو چوڻ آهي ته ڊپريشن سبب ٺهندڙ امڪاني طوفان اتر ۽ اتر اولهه ڏانهن حرڪت ڪندو. طوفان سان هيل تائين پاڪستان جي ساموندي علائقي کي ڪو خطرو ناهي. موسميات کاتي جو سائيڪلون وارننگ سينٽر سسٽم کي مانيٽر ڪري رهيو آهي. ياد رهي ته طوفان جو نالو بنگلاديش جي تجويز ڪيل لفظ "بائپر جواءِ" رکيو ويندو، جنهن جو مطلب تباهي آهي.

بقايا 18 ***

ايمبولينس ۾ لوڊ ڪرڻ جي خبر سامهون اچڻ تي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر پمز انڪوائري جو حڪم ڏئي ڇڏيو هن ڊپٽي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر کي انڪوائري آفيسر مقرر ڪري رپورٽ پيش ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي.

بقايا 19 ***

نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي راڻا ثناءالله چيو ته وقت تي چونڊون ملڪي معاشي ۽ ٻين مسئلن جي حل لاءِ ضروري آهن جيڪڏهن وقت تي چونڊون نه ٿيون ته پاڪستان مسئلن جو شڪار ٿي ويندو ۽ ملڪي معيشت وڌيڪ خراب ٿي ويندي. هن چيو ته چونڊون اهڙيون ٿيڻ گهرجن جنهن جا نتيجا سڀني کي قبول هجن چو ته 2018 ۾ ٿيندڙ چونڊن جي نتيجن تي اسان ۽ ٻين سياسي پارٽين کي خدشا هئا. جمهوريت خاطر اسان مزاحمت جي رستي تي عمل ڪيو بلاول چيو ته قدم وڌايو اسان اوهان سان گڏ آهيون پر پي ٽي آءِ چيئرمين مخالفت ڪئي. پرڏيهي وزير چيو ته چارٽر آف اڪنامي جو چونڊون ٿيڻ کان پوءِ طئي ٿيڻ ضروري آهي چو ته مستقبل ۾ معاشي چيلنجز وڏي سگهن ٿا. هن واضح ڪيو ته پي ڊي ايم سياسي اتحاد نه آهي سمورين پارٽين چونڊن ۾ پنهنجو پنهنجو اميدوار ميدان ۾ لاهينديون. پنجاب ۾ نوازشريف جو ووٽ بينڪ آهي جيڪو ڪنهن ٻئي وٽ نه ويندو اسان جو مخالف ووٽ پي ٽي آءِ جو هو جيڪو هاڻ چئن حصن ۾ ورهائجي ويو آهي جيڪو هاڻ پيپلز پارٽي. جهانگير ترين ۽ (ن) ليگ وٽ واپس ايندو. هن چيو ته تحريڪ انصاف سميت ڪنهن به سياسي پارٽي تي پابندي نه لڳڻ گهرجي. ماضي ۾ سياسي پارٽين تي پابنديون لڳنديون رهيون آهن پر ڪي به نتيجا حاصل نه ٿيا آهن.

بقايا 20 ***

۾ نواز پٽ آزاد، رمضان پٽ محمد ڪلار، حمزه پٽ خالد ۽ مقصود پٽ سليم شامل آهن. گهرو کاتي پاران جاري ڪيل حڪم نامي ۾ سکر، ميرپورخاص ۽ شڪارپور جي جيلن جي سينيئر سپرنٽينڊنٽ کي چيو ويو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن ٻئي ڪيس ۾ نامزد نه ناهين ته انهن کي آزاد ڪيو وڃي. واضح رهي ته سنڌ جي گهرو کاتي سنڌ جي گهرو سيڪريٽري سيد اعجاز علي شاهه جي سربراهي ۾ هڪ نظرثاني ڪميٽي جوڙي آهي. جنهن ۾ ايڊيشنل انسپيڪٽر جنرل آف پوليس ڪراچي رينج، ايڊيشنل سيڪريٽري (جوڊيشل) سنڌ گهرو کاتي ۽ رجسٽرار اي ٽي سي/ اي ٽي اي ڪورٽ شامل آهن. ڪميٽي پاران مليل درخواستن جو جائزو وٺڻ بعد مٿين 04 ڄڻن جا ايم پي او آرڊر واپس وٺي ڇڏيا آهن.

بقايا 21 ***

ڏيڻ کان پاسو ڪندي چيو ته هر سفارتي رابطي تي بيان ناهي ڏنو ويندو

بقايا 22 ***

جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي. وڪيل استدعا ڪئي ته عمر ايوب جي ننڍي پٽ کي ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن ان کي حراسان ڪرڻ کان روڪيو وڃي. عدالت پوليس کي هدايت ڏني ته جيڪي ايف آءِ آر ۾ نامزد آهن انهن کي بيشڪ گرفتار ڪريو پر ٻئي ڪنهن کي به حراسان نه ڪيو وڃي. بنا ڪنهن سبب جي پٽيون ٿيي ماڻهن کي تنگ نه ڪيو وڃي. ايس ايس پي آپريشن عدالت کي يقين ڏياريو ته عدالتي حڪم جي تعميل ٿيندي. اسٽيٽ ڪائونسل ٻڌايو ته درخواستگذار خلاف 10 مئي تي ايف آءِ آر داخل ٿي جنهن جي ڪاپي جوڙيل آهي. سموري قانوني ڪارروائي پوري ڪئي وئي آهي. چاپي هڻڻ کان اڳ سرچ وارنٽ به موجود هئا. عدالت لاڳاپيل دستاويزات درخواستگذار کي ڏيڻ جي هدايت ڪندي ٻڌڻي ايندڙ هفتي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 23 ***

صحت بابت صوبائي وزير جي بريت خلاف پنجاب حڪومت طرفان لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ داخل درخواست ۾ ڊاڪٽر ياسمين راشد سميت ٻين کي ڌر بڻايو ويو آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪيل درخواست ۾ پنجاب حڪومت طرفان موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته ٽرائل ڪورٽ حقيقتن جي ابتڙ ڊاڪٽر ياسمين راشد جي ڪيس کي ڊسچارج ڪيو. ڊاڪٽر ياسمين راشد جناح هائوس تي حملو ڪندڙ ريلي جي اڳواڻي ڪئي، پنجاب حڪومت طرفان درخواست ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته سمورا ثبوت موجود هجڻ جي باوجود ڊاڪٽر ياسمين راشد کي ڪيس مان ڊسچارج ڪيو ويو آهي درخواست ۾ عدالت کان استدعا ڪئي وئي آهي ته ڊاڪٽر ياسمين راشد کي ڪيس مان ڊسچارج ڪرڻ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي.

بقايا 24 ***

ٻار شهيد ٿي ويو فلسطيني اختيارين موجب 3 ورهين جو محمد التميمي ٻهرين جون تي اسرائيلي فوج جي فائرنگ ۾ زخمي ٿيو هو اسپتال ۾ علاج هيٺ محمد التميمي سومر ڏينهن زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو واقعي تي فلسطيني پرڏيهي وزارت جو چوڻ هو ته اسرائيلي فوج جي ڪارروائين بابت اسرائيلي جاچ تي اعتبار ناهي. فلسطيني ٻارن جي خلاف اسرائيلي ڏوهن جي عالمي جاچ جو مطالبو ڪيون ٿا. فلسطيني صحت وزارت موجب هلندڙ سال اولهه ڪناري ۽ غزه ۾ اسرائيلي فوج جي فائرنگ سبب هيل تائين 158 فلسطيني شهيد ٿي چڪا آهن.

بقايا 25 ***

جي درخواست ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪئي جنهن تي اسان ٿورائتا آهيون پر اسان کي هاءِ ڪورٽ وڃڻ لاءِ چيو ويو اسان سمجهون ٿا ته جهڙو اسان ڏهن ٻڌائي ڇڏيو هو اهڙي ٻڌڻي نه ٿي هئي يو ته سپريم ڪورٽ جي ريمارڪس جو احترام ڪريان ٿو عدالت اسان جي لاءِ خير جو جملو چيو پر ان سان ڪراچي جي عوام جا مسئلا حل نه ٿيندا. اسان جي سارا ڪريو ۽ مسئلو حل نه ڪريو ته ڳالهه نٿي ٿهي ان سان تڪليف ٿئي ٿي حافظ نعيم الرحمان چيو ته. چيف جسٽس آف پاڪستان کان هي اپيل ڪريان ٿو ته ٺيڪ آهي اوهان هڪ قانوني طريقي سان اهو چئي ڇڏيو هاءِ ڪورٽ وڃو نيپرا وڃو سپريم ڪورٽ ۾ نه ڪراچي جي حوالي سان جيڪو ڪيس هلندو رهيو اُن ۾ ان وقت جي چيف جسٽس کي اليڪٽرڪ بابت ريمارڪس ۽ عدالتي ڪارروائي جو مطالعو ڪري ته پتو پوندو ته ڪراچي جا ماڻهو ڪيترا پريشان آهن امير جماعت اسلامي چيو ته مان سمجهان ٿو ته چيف جسٽس پاڻمرادو ان کي ڏسي هي عام مفاد جو مسئلو آهي. حافظ نعيم چيو ته لوڊشيڊنگ غلط ٿي رهي آهي مهانگي بجلي ڪراچي کي ڏني پئي وڃي سڀ کان وڌيڪ بل هتي اچن ٿا اسان جي پٽيشن نجڪاري جي حوالي سان هئي ڳالهه هاڻي گهٽ اڪثر ٿيندي تڪري چڪي آهي جيڪڏهن سپريم ڪورٽ وڌيڪ ٻڌڻي ڪري ها ته اضافي درخواست لڳايون ها جنهن ۾ اسان ٻڌايون ها ته بجلي پيداوار ۾ اضافو ناهي ٿيو

بقايا 26 ***

اتر افغانستان جي صوبي بدخشان ۾ ڪار بم ڌماڪو ٿيو جنهن ۾ صوبي جي ڊپٽي گورنر جي مارجڻ جي تصديق ٿي آهي. صوبائي ترجمان ٻڌايو ته چين ۽ تاجڪستان جي سرحد کي ڳنڍيندڙ صوبي بدخشان ۾ ٿيل ڌماڪي ۾ ڊپٽي گورنر نثار احمد احمدي سان گڏ سندس ڊرائيور به مارجي ويو. ڌماڪي ۾ 6 عام شهري زخمي ٿيا آهن ميڊيا رپورٽن موجب ڌماڪي جي ذميواري هيل تائين ڪنهن به تنظيم قبول ناهي ڪئي.

بقايا 27 ***

سنگاپور ٻيو مهانگو ترين شهر آهي. جڏهن ته روڪس شهر زيورخ ان فهرست ۾ ٽئين نمبر تي رهيو چوٿين ۽ پنجين نمبر تي به سوئٽزرلينڊ جا شهر جنيوا ۽ باسل رهيا. جڏهن ته نيويارڪ کي ڇهون مهانگو ترين شهر قرار ڏنو ويو ان سروي ۾ سڄي دنيا جي 400 کان وڌيڪ شهرن ۾ 200 شين جي اگهن جي ڀيٽ ڪئي وئي هئي. اسلام آباد پهرين ۽ ڪراچي ٻئي نمبر تي پناهگيرن لاءِ سستا شهر رهيا. جڏهن ته ڪيوبا جو شهر هوانا ٽئين نمبر تي رهيو ڪرغزستان جو بشڪيڪ چوٿين، تاجڪستان جو دوشنبي پنجين ۽ نميبيا جو ونڊهوڪ ڇهين نمبر تي رهيا.

بقايا 28 ***

شهباز گل خلاف بغاوت تي ڀڙڪائڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي جنهن ۾ شهباز گل جو وڪيل مرتضيٰ طوري عدالت ۾ پيش ٿيو جڏهن ته نيب طرفان اسپيشل پراسيڪيوٽر راجه رضوان عباسي جو جونيئر وڪيل عدالت ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي دوران شهباز گل جي وڪيل چيو ته ڊيوٽي مئجسٽريٽ آرڊر ڪيو هو ته لاڳاپيل جج ڇوٽ جي درخواست تي فيصلو ٻڌائيندي. ان تي جونيئر پراسيڪيوٽر چيو ته ڊيوٽي جج ڇوٽ جي درخواست تي فيصلو اڄ ٻڌائڻ جو حڪم ڏنو هو جج طاهر عباس چيو ته اوهان جي وڏي مهرباني جج بنا ٻڌڻ جو آرڊر ڪيئن جاري ڪري سگهي ٿو جنهن کان پوءِ عدالت ٻڌڻي ۾ 11 وڳي تائين وقفو ڪري ڇڏيو ۽ شهباز گل جي ضمانت جا ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جي رپورٽ طلب ڪري ورتي. جنهن کان پوءِ عدالت پراسيڪيوشن طرفان شهباز گل جي ضمانت رد ڪرڻ جي استدعا منظور ڪندي ان جا ضمانت نه ٿيڻ جوڳا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا.

بقايا 29 ***

جي صحت واري اڳوڻي وزير 68 ورهين جي ڊاڪٽر احمد عماد الدين راضي جي دل جو دورو پوڻ سبب اسپتال آندو ويو. جتي ڊاڪٽرن جي ٽيم سندس جلد سرجري جو مشورو ڏنو مصر جي شهر نصر جي مشهور اسپتال ۾ صحت جي اڳوڻي وزير جي سرجري ڪئي وئي جيڪا ڪامياب نه ٿي سگهي ۽ ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت سبب هو فوت ٿي ويو صحت جي موجوده وزير ڊاڪٽر خالد عبدالغفار اڳوڻي وزير جي لاڏاڻي تي افسوس جو اظهار ڪندي گهرڀاتين سان تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي خدمتن کي ساراهيو جڏهن ته هن اسپتال جي خلاف ڪارروائي جو به حڪم ڏنو.

بقايا 30 ***

خان وڃڻ لاءِ به تيار آهيان. ملڪ جي موجوده سياسي ۽ معاشي حالتن ۾ سياستدانن کي اختلاف ختم ڪري گڏجي ويهي ملڪ جا مسئلا حل ڪرڻ جو ڪو حل ڳولهڻ گهرجي. ياد رهي ته اهوئي عمران خان ڪجهه ڏينهن اڳ آصف علي زرداري ۽ مولانا فضل الرحمان کي مختلف ڪُنڌن ۽ اخلاق کان ڪريل نالن سان مخاطب ٿيندو هو سا ڳو ماڻهو 9 مئي واقعن کانپوءِ اهڙي رحم جوڳي حالت ۾ اچي ويو آهي جو هاڻي چورن ۽ ڌاڙيلن کي گڏجي ويهڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ منٿون ڪري رهيو آهي. پر سائس ڪير به ڳالهائڻ لاءِ تيار نه آهي.

**بقايا | سنڌيار | 01**

جو سيال اسٽاپ سگهيون وٽ احتجاجي مظاهرو ڊرٽو پوليس خلاف سخت نعريبازي گذريل 2 ڏينهن اڳ مظهر ماڊل اسڪول جا نامعلوم چور 2 ڏينهن اڳ مين گيٽ جا تالا ٽوڙي اسڪول مان 2 سولر پليٽون، 2 پکا، هڪ بيٽري ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري آساني سان فرار ٿي ويا جنهن جو اطلاع حد جي پوليس هنگورجا ٿاڻي تي ڏيڻ باوجود هنگورجا پوليس واقعي واري هنڌ نہ پهتي صحافي جي ٿيل چوري واقعي کي 2 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود پوليس ڪا بہ جاچ شروع نہ ڪئي اهڙي عمل خلاف سگهيون جي صحافين نيشنل پريس ڪلب سگهيون جي صدر گلاب علي سيال، محرم خان منگنيجو ، سيد آغا سجاد حسين شاهہ، مظهر نعمت علي منگنيجو، عتيق الرحمان متو، جيئي سنڌ پورهيت سنگت جي تعلقہ اڳواڻ ڪامريڊ غلام قادر چنا، بلاول الدين منگنيجو، عمران جمالي، نياز منگنيجو سميت ٻين سياسي توڙي سماجي ڌرين جي ماڻهن سگهيون جي سيال اسٽاپ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪري احتجاجي مظاهرو ڪندي نيشنل پريس ڪلب سگهيون جي صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو تہ 2 ڏينهن اڳ رات جو دير سان نامعلوم چور مظهر ماڊل ايليمينٽري اسڪول جا تالا ٽوڙي اسڪول مان چوري ڪري فرار ٿي ويا هڪ تعليمي اداري مان ٿيل چوري جي هنگورجا پوليس ڪا بہ جاچ نہ پئي ڪري جيڪا سراسر هنگورجا پوليس جي نااهلي آهي ۽ تعليمي ادارن سان زيادتي آهي هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ نا اهل هنگورجا ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي هٽائي فرض شناس ايس ايڇ او مقرر ڪري اسڪول مان چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

**بقايا | سنڌيار | 02**

ڪندي چيو آهي تہ سماجي تنظيم مسلم هينڊس جا عملدار حنيف خاصخيلي ۽ ٻيا ٺيڪيدار سان ملي مفت ۾ ملندڙ نلڪا رشوت عيوض ۽ من پسند ماڻهن کي لڳائي ڏئي رهيا آهن هن وڌيڪ چيو تہ ڪجھ اهڙا ڳوٺ آهن جن ۾ هڪ ئي پاڙي ۾ 5/5 نلڪا لڳايا ويا آهن پر ڪيترائي علائقا آهن جن ۾ هڪ بہ نلڪو نہ لڳايو ويو آهي ۽ 5 هزار رشوت وٺي نلڪو لڳايو پيو وڃي هن اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ سماجي تنظيم جي عملدارن ۽ ٺيڪيدار خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ بک هڙتال شروع ڪندس

**بقايا | سنڌيار | 03**

جي مشترڪ ڪالوني جي رهواسي الطاف حاجاڻو ۽ سنڌس زال فوزيہ حاجاڻو ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ اچي پنهنجو احتجاج ڪندي الزام لڳايو آهي تہ اسان جي ذاتي ملڪيت واري ڪرياني مرچنٽ ۽ گير جي دڪان تي فوجي ۽ عبدالغني پنهنجي ساٿين سميت ڀڃ ڊاهہ ڪري هزارين روپين جي نقصان سان گڏ غيرقانوني طور قبضو ڪري ڇڏيو آهي جنهن ۾ وري اسان کي نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي پئي ، اسان جي ڪيل شادي جي ڪري اسان کان هاڻي انتقام ورتو وڃي پيو تہ جيئن زال مڙس کي زبردستي الڳ ڪري طلاق ڏيارڻ تي مجبور ڪيو وڃي ، جنهن ۾ اسان کي نقصان رسائڻ کانپوءِ هاڻي خاموش رهڻ لاءِ قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون ويون آهن جنهن سبب اسان جي حياتين کي خطرو آهي ، اسان سان انصاف ڪري دڪانن کي نقصان رسائيندڙ خلاف پوليس فرياد داخل ڪري ۽ ڪين فوري طور گرفتار ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ اسان ايس ايس پي آفيس آڏو مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال ڪنداسين.

**بقايا | سنڌيار | 04**

ڪيون ويون ان موقعي تي درگاهہ هاليجي شريف ۾ درگاهہ جي گادي نشين پير عبدالصمد هاليجوي سان سنڌس ڀيڻ، ايس پي ليگل محمود حسين سمائر سان سنڌس ڀاءُ جي وفات تي ۽ چيچڙو ۾ استاد صادق مهيسر سميت مختلف هنڌن تي تعزيتون پڻ ڪيون جڏهن تہ ان موقعي تي ساڻس گڏ حاجي مولا بخش خان مهر ،لياقت علي خان مهيسر ، سلطان احمد خان مهر، حاجي غلام علي ڪمبوءِ ۽ ٻيا پڻ گڏ هئا

**بقايا | سنڌيار | 05**

آڏو احتجاج ڪندي چيو تہ اسان ٽي سال اڳ پنهنجي مرضي مطابق بلورو جي عدالت سگهوري ۾ شريعت محمدي موجب پسند جو پرڻو ڪيو آهي، جنهن مان اسان کي هڪ اولاد پڻ آهي هاڻي ناري جا مائٽ واحد چانديو، صابو چانديو، دلو چانديو، متو چانديو ۽ ٻيا اسان تي حملو ڪري لٺيون ۽ کهاڙيون هڻي بہ ماڻهو يونس چانديو ۽ عثمان چانديو کي زخمي ڪري ڇڏيا آهن جنهن کي نازڪ حالت ۾ حيدرآباد جي اسپتال ۾ داخل ڪيا ويا آهن ۽ اسان جي گهرن، زمينن ۽ تلائن تي بہ هٿيارن جي زور تي قبضو ڪري ويٺا آهن، مسمات نسيمان چانديو چيو تہ منهنجا مائٽ منهنجي مڙس شيرو چانديو کي قتل ڪرڻ جون موتمار ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن هنن آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي حيدرآباد، ايس پي سجاول ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي آهي تہ اسان کي پنهنجي مائٽن مان جان جو خطرو آهي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ اسان جي زمينن تان قبضو خالي ڪرائي ڏنو وڃي.

**بقايا | سنڌيار | 06**

شاهہ ٽائون سکر، جيئي شاهہ ٽائون سکر، نثار صديقي ٽائون سکر ميونسپل ڪاميٽي روهڙي، ميونسپل ڪاميٽي پنوعاقل، ٽائون ڪاميٽي ڪنڊرا، ٽائون ڪاميٽي صالح پٽ ۽ ٽائون ڪاميٽي باگڙجي مان خصوصي سيٽن تي ڪامياب ميمبر حلف کڻندا

**بقايا | سنڌيار | 07**

ڪري رهي آهي پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ يوٽرن خان کي هاڻي يوٽرن وٺڻ لاءِ بہ موقعو نہ ملندو هو پنهنجي سياسي ساک وڃائي چڪو آهي محب وطن پاڪستانين سميت ان جي ساٿين بہ ملڪ دشمن پاليسين تي ان کي خيرآباد ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي موجوده ن ليگ جي حڪومت عوام کي دلدل مان ڪڍڻ لاءِ موثر حڪمت عملي تيار ڪري رهي آهي ۽ انشاءَ الله تمام جلد عوام ۽ شهري خوشخبري ٻڌندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن ن ليگ سيڪريٽريٽ ۾ علائقي واسين ۽ شهرين جي وفد سان ڳالهائڻ دوران ڪيو ملاقات ۾ شهري ۽ علائقي واسين ان کي عوامي مسئلن کان آگاهہ ڪيو ۽ جنهن تي ان معزز شهرين کي يقين ڏياريو تہ انهن کي درپيش مشڪلاتون حل ڪرڻ لاءِ ضلعي آفيسرن کي جلد آگاهہ ڪيو ويندو تہ جيئن ان جي مشڪلاتن جو ازالو ممڪن ٿي سگهي.

**بقايا | سنڌيار | 08**

گوپانگ ۾ ڊاڪٽر بابو راٺوڙ جي 17 سالن جي نوجوان نياڻي ڪويتا راٺوڙ انٽر جو پيپر ڏيڻ کان پوءِ پنهنجي گهر پهچي ملازم هشان آئسڪريم گهرائڻ بهاني ڪيس روانو ڪري پنهنجي گلي ۾ ڦاهو وجهي خود ڪشي ڪري ڇڏي واقعي کان پوءِ وارثن جي اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي ڊي ايڇ ڪيو انڊس بدين پهچايو جتي ضروري ڪارروائي کانپوءِ لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو واقعي جو ڪارڻ گهريلو پريشاني ٻڌايو پيو وڃي بدين ۾ گذريل ٻن ڏينهن ۾ خودڪشي جو هي ٽيون واقعو آهي

**بقايا | سنڌيار | 09**

اغوا ٿيندي 22 مهينا گذري ويا آهن پر سنڌ حڪومت ڪيس ڌاڙيلن کان آزاد ڪرائي نہ سگهي آهي جنهن جي ڪري سنڌس ماءُ ٻيا گهرڀاتي سخت پريشان آهن هنن وزيراعظم شهباز شريف ۽ وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهہ کان مطالبو ڪيو تہ سنڌ ۾ ڌاڙيلن جي خلاف فيصلا ڪن ڪارروائي ڪري پريا ڪماري کي آزاد ڪرائي سنڌس زندگي بچائي وارثن ۽ سنڌ جي شعور مان بي چيني کي ختم ڪيو وڃي

**بقايا | سنڌيار | 10**

۽ سنڌس گهر واري حاجي ملاح اچي ٻڌايو آهي تہ اسان جي هاريءَ واري زرعي زمين تي قبضي ڪرڻ سان گڏ اسان جا گهر بہ خالي ڪرايا وڃن پيا تہ جيئن اسان پنهنجي گهرن ۽ زمين مان ٻاهر ڪڍي قبضو وڃي جنهن ۾ اسان جي اچ وڃ جا رستا بند ڪيا ويا آهن جنهن ۾ اسان کي حملي آور بجايو رند ، فدا رند ، محراب رند ، صحبت رند ۽ ٻين مارڪٽ تشدد جو نشانو بڻائي زخمي پڻ ڪيو آهي ، تعلقي ٿاڻي تي فرياد ڪرڻ باوجود پوليس ڪو بہ قدم کڻي نہ سگهي آهي ، پوليس بااثر ماڻهن جي آشيرواد جي ڪري خاموشي اختيار ڪئي آهي ، اسان پنهنجي ابي ڏاڏي کان علائقي ۾ رهائش پذير هجڻ سان گڏ زرعي زمين هاريءَ تي ڪري رهيا آهيون ، اسان کي ڏنل قتل جي ڌمڪين جي ڪري حياتين جو خوف آهي ، جنهن لاءِ اسان سان انصاف ڪيو وڃي ۽ قبضا مافيا خلاف قانوني قدم کنيو وڃي.

**بقايا | سنڌيار | 11**

پروفيسر ڊاڪٽر مينهون خان لغاري خاص مهمان هو ان موقعي تي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري چيو تہ هي دور سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو دور آهي ۽ اسان ان جي عروج جا شاهد آهيون. اسان جي روزاني زندگيءَ ۽ سماج ۾ نوان رجحان، ٽيڪنالاجي ۽ طريقا اختيار ڪرڻ کي ٽيڪنالاجي جنبو آهي. هن چيو تہ اهو اسان جي روش تي منحصر آهي تہ اسان ان کي ڪيئن اپنائي ۽ انسانيت ۽ رياست جي ڀلائي لاءِ مثبت طريقي سان استعمال ڪري رهيا آهيون. ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري يونيورسٽي جي نوجوانن کي سکڻ جو پليٽ فارم مهيا ڪرڻ تي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو جي ڪوشش کي ساراهيو پروفيسر ڊاڪٽر مينهون خان لغاري چيو تہ اسان جي شاگردن ۾ سکڻ جي صلاحيت موجود آهي هي مڪالمو ان جو واضح مثال آهي. هن چيو تہ هي مڪالمو ۽ شاگردن جون ٻيون مثبت سرگرميون مقابلي جو رجحان پيدا ڪنديون. ڊاڪٽر لغاري ان موضوع تي شاگردن جي خيالن کي پڻ ساراهيو ڊاڪٽر مينهون خان لغاري چيو تہ هي موضوع ايرنڊز ٽيڪنالاجي جو موضوع آهي. هن چيو تہ هي ملڪ جو پهريون اسٽوڊنٽس سوسائٽي سينٽر آهي جيڪو موجوده وائيس چانسلر جي متحرڪ قيادت ۾ شاگردن جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ سرگرم عمل آهي. مختلف تدريسي ادارن ۽ شعبن جي شاگردن ٻن گروپن جي صورت ۾ مڪالمي ۾ شرڪت ڪئي. هڪ گروپ چيو تہ مصنوعي ذهانت (AI) جو سماج تي اثر تي وڏي پيماني تي بحث ڪيو پيو وڃي. اهڙا مختلف دليل ۽ تجزيا آهن تہ مصنوعي ذهانت عام طور تي زندگي جي معيار کي بهتر بڻائي سگهي ٿي ۽ اڃا بہ تمام پيچيده ڪم انسان کان بهتر ڪري سگهي ٿي. مصنوعي ذهانت زندگي کي تمام آسان، محفوظ ۽ وڌيڪ منظم ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن تہ ٻئي گروپ دليل ڏنو تہ مصنوعي ذهانت غير محفوظ آهي ۽ انسانن جي رازداري کي متاثر ڪيو آهي، ماڻهن ۾ نسل پرستي وڌي رهي آهي، مستقبل ۾ مصنوعي ذهانت سبب عوام ۾ بيروزگاري وڌڻ جو خدشو آهي. مڪالمي جا ججز پروفيسر ڊاڪٽر رياض احمد شيخ، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالله ميتلو ۽ مير عبدالفائق ٽالپر هئا. مڪالمي ۾ عبدالرزاق ۽ سنڌس گروپ فاتح رهيو جڏهن تہ ذيشان ۽ سنڌس گروپ رنر اپ رهيو مڪالمي ۾ ڊاڪٽر سيد عمران احمد شاهہ، شمائلہ رباب رضوي ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، مڪالمي ۾ اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض اسٽوڊنٽس سوسائٽي سينٽر جي انچارج ڊاڪٽر علي رضا لاشاري سرانجام ڏنو

**بقايا | سنڌيار | 12**

مڪلي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرڻ سميت ساڪٽي پوليس پاران مقامي رهواسين تي حملا ڪندڙ روپوش منشيات فروش جوابدار رحيم گندرو کي گرفتار ڪري ڪيس پڻ مختلف روپوش جاٿايل ڪيسن ۾ چالان ڪري ڇڏيو آهي، جنهن خلاف ڪافي شڪايتون مڪلي ٿاڻي تي داخل ٿيڻ سميت سنڌس برادري جي ماڻهن پاران احتجاج ڪندي درج ڪرايون هيون، جنهن جي آڌار تي مڪلي پوليس ڪيس گرفتار ڪري ڳوٺاڻن ۽ شهرين کي ان مان نجات ڏياري ڇڏي آهي، جنهن جون مڪلي تي کلي عام ڪچي شراب ٺهڻ جون ڀٺيون هلي رهيون آهن، جتان نوجوان شراب وٺي پيئڻ بعد شهرين ۽ ڳوٺاڻن جو سڪون برباد ڪن ٿا، جن خلاف پوليس سخت ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ناهي.

**بقايا | سنڌيار | 13**

جي ملازم اشفاق علي ڀوڙ،زاهد علي ڀوڙ جو وڏو ڀاءُ ۽ عدنان علي ڀوڙ ،شاهد علي ڀوڙ جو والد پوليس انسپيڪٽر ڊي ايس پي امداد علي ڀوڙ بيماري سبب وفات ڪري ويو مرحوم جي جنازا نماز المصطفي عيدگاهہ نئون ديرو ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ ميونسپل ڪاميٽي نئون ديرو جي چيئرمين اميدوار حاجي عبدالخالق ڀٽو،محمد حسن کنڀر،پروفيسر انعام منگي،شاعر منظور احمد منگي،سميت صحافين نئون ديرو پريس ڪلب جي چيئرمين ضمير حسين ڀٽو،ايم اياز چنا،شاد محمود ڀٽو،خلل الله مگنهجو ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ،جڏهن تہ مرحوم کي اباڻي قبرستان پير گهرگهل شاهہ ۾ دفن ڪيو ويو،هوڏانهن وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

**بقايا | سنڌيار | 14**

وٺي ڪئمپ افتتاح سگا اڳواڻ پروفيسر بخش علي چانديو ڪيو ڪئمپ ۾ انڊس اسپتال ڪراچي جي ڊاڪٽرن ۽ ٻئي عملي قل ۽ آس پاس مان آيل چار سئو مريضن جو مفت چڪاس ۽ ٽيسٽون ڪري مفت دوائون ڏنيون ويون جڏهن تہ ڊاڪٽرن ٻڌايو تہ ستر فيصد مريضن ۾ مليريا ۽ هيپاٽائيٽس بي سي پازيٽو آئي آهي جڏهن تہ يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت جي اڳواڻ عجاز مميڻائي ڪئمپ جو دورو ڪيو ۽ ٻڌايو گذريل برسات جي پاڻي نيڪال نہ ٿيڻ ڪري تمام گهڻي گندگي ڦهلي جنهن سبب مختلف بيمارين سائي خارش مليريا ۽ ٻين بيمارين جنم ورتو اسان جي تنظيم يونائيٽيڊ ميمڻ جماعت طرفان مختلف تنظيمن جي سهڪار سان 56 ميڊيڪل ڪئمپون لڳايون وينديون ۽ هي ڪئمپ بہ انهي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي انهي موقعي تي سگا اڳواڻ پروفيسر بخش علي چانديو سگا برانچ قل جي صدر سينيئر صحافي محمد خالد ميمڻ قل پريس ڪلب جو صدر حافظ غلام نبي رند استاد غلام مرتضي قل صحافي مجيب الرحمان وڳڻ استاد عبدالرزاق ملاح امداد ملاح جو ڪئمپ جا انتظام سنڀاليا

**بقايا | سنڌيار | 15**

سخي بادشاهہ اسٽاپ وٽ مختلف ڏوهن ۾ ملوث روپوش عبدالغفور عرف سي اين جي سهتو کي 650 گرام چرس سميت گرفتار ڪري مٿس ايف آئي آر داخل ڪئي وئي آهي.

**بقايا | سنڌيار | 16**

مخصوص سيٽن تي چونڊجي ايندڙ اميدوار ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ حلف کڻندا ڪنول لاشاري جو تعلق دادو ضلعي جي انتهائي پٺتي پيل علائقي ڪاڇي جي ڳوٺ پير بخش لاشاري سان آهي. ڪنول لاشاري لا جي اسٽوڊنٽ آهي جيڪا يونيورسٽي آف لنڊن سان لاڳاپيل ٽيمس اسڪول آف لا ۾ لا جي ڊگري ڪري پئي ڪنول لاشاري لا جو پهريون سال مڪمل ڪري ورتو آهي. ڪنول لاشاري جو چوڻ آهي تہ هو جنهن علائقي سان تعلق رکي ٿي اتي تمام گهڻي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. خاص طور تي عورتن جي حقن لاءِ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ان ڪري سياست ۾ پڙهيل لکيل عورت جو هجڻ ضروري آهي ضلعي ڪائونسل ۽ يونين ڪائونسل ۾ عورتن جي سيٽن تي اڪثر انهن پيرسن عورتن جا نالا ڏنا ويندا آهن جيڪي عورتن لاءِ ڪم نہ ڪري سگهنديون آهن انهن عورتن جو ڪم مرد ئي پيا هلائيندا آهن ان ڪري مون فيصلو ڪيو تہ ڪاڇي جي پٺتي پيل عورتن جي نمائندگي لاءِ ضلعي ڪائونسل توڙي اسيمبلين ۾ ان ئي علائقي سان تعلق رکندڙ پڙهيل لکيل عورت جو هجڻ ضروري آهي منهنجي ڊگري ٻن سالن ۾ مڪمل ٿي ويندي مان چاهيان ٿي تہ اسان جي علائقي جون ڇوڪريون اڳتي اچن مان پنهنجي علائقي جي پهرئين ڇوڪري آهيان جيڪا لا ڪيان پئي ۽ ننڍي عمر ۾ ضلعي ڪائونسل جي ميمبر ٿي آهيان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ليڊيز ونگ جي اڳواڻ فريال ٽالپر ۽ ايم اين اي دادو رفيق احمد جمالي جي مهرباني آهي جن مونکي اهڙو موقعو ڏنو

**بقايا | سنڌيار | 17**

سالن کان بند، پيل عمارت جون در دريون چور پٽي ويا، بلڊنگ مال مويشي ۽ بہ حوالي، اسڪول جو ريڪارڊ بہ غائب، ڳوٺاڻن جو احتجاج، تعليم کاتي کان قديمي اسڪول کي فعال بڻائي،واڙو ختم ڪرائي مرمت ڪرائڻ جي گهر ڳڙهي ياسين تعلقي جي ڳوٺ اڳڻ خان ککراڻي جو قديمي اسڪول گورنمينٽ پرائمري بوائز اسڪول اڳڻ خان ککراڻي تعليم کاتي جي نااهلي سبب کلي تہ ڪون سگهيو، پر چوديواري نہ هجڻ سبب در دريون پٽجي ويون، فرنيچر غائب، اسڪول واڙي ۾ تبديل ڳوٺاڻن، مال مويشي ۽ مينهون ٻڌي ڇڏيون، اسڪول جو اڳڻ بہ سان پري ڇڏيو، ڳوٺ جي پڙهيل لکيل نوجوان ساجد ککراڻي، سهيل احمد، عرفان علي ۽ وقار احمد ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي تہ ڪيترن سالن کان ڪوشش ڪري رهيا آهيو تہ اسڪول کلي پر تعليم کاتي جي آفيسرن جي ڪن تي جوءِ بہ نہ ٿي چري، ڪيتري وقت کان آسرو ڏنو پئي ويو تہ نون ڀرتي ٿيل استادن مان اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري ڏبا، پر واعدو وفا نہ ٿيو، ضلع انتظاميہ ۽ تعليم واري وزير سيد سردار شاهہ، سيڪريٽري ايجوڪيشن اڪبر لغاري ۽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن لاڙڪاڻو ۽ چونڊيل نمائندن کان اسڪول مان واڙو ختم ڪرائي، بلڊنگ تعمير ڪرائي بند پيل اسڪول کولي ڏيارڻ جي گهر ڪندي مطالبو ڪيو تا تہ ڳوٺ جو اسڪول جي نئين بلڊنگ تعمير ڪرائي ڏني وڃي، تہ جيئن مستقبل جي معمارن جو مستقبل سڌري سگهي. s41

**بقايا | سنڌيار | 18**

علي خٽڪ تعليم جي بهتريءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ايمانداريءَ سان ادا ڪري رهيو آهي، اهڙيون ڳالهيون سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو، گهاري شهر جي پٺ تي پيل علائقي عبدالستار شيخ ڳوٺ ۾ نيشنل الفلاح ويلفيئر ٽرسٽ طرفان ٺٽي ضلعي جي بهترين تعليمي رضا ڪار سنڌي محمد علي خٽڪ جي 42 هين سالگرهہ ملهائي واري تقريب کي مخاطب ٿيندي چيون هن چيو تہ اهو ڪڙو سچ آهي تہ سنڌ جي تعليمي صورتحال ڏاڍي پريشان ڪندڙ آهي پر ان کان بہ وڌيڪ سنڌ ۽ سنڌين جي قومي وجود کي خطرہ لاحق آهن ڇاڪاڻ تہ سند حڪومت جي انتظامي نااهلي جي ڪري مختلف ملڪن ۽ علائقن جا ماڻهو سنڌ ۾ هزارن جي تعداد ۾ اچي رهيا آهن جيڪا سنڌ جي وجود ،روايتن ڪلچر ۽ معيشت لاءِ بهتر ناهي. ان موقعي تي شريڪ سمورن ساڃاهہ وندن محمد علي خٽڪ سان گڏجي ڳوٺ عبدالستار شيخ ۾ پرائمري اسڪول جو افتتاح پڻ ڪيو ،تقريب کي قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ياسر جاکرو چيو تہ محمد علي خٽڪ پنهنجي جوهر ۾ تمام وڏو جاکوڙي انسان آهي جيڪو رڳو تعليم جي بهتريءَ لاءِ نہ پر مسڪين ۽ لاچار ماڻهن جي سهائتا لاءِ بہ جاکوڙي رهيو آهي هن چيو تہ اسان جو قومي هيرو شهيد مهاراجا ڏاهر آهي اسان بن قاسم کي هڪ حملي آور ۽ ڦورو سمجهون ٿا ،ٺٽي جي ناميارين سياسي سماجي شخصيت محمد حنيف ميمڻ چيو تہ محمد علي خٽڪ پرخلوص ۽ مٿيادار انسان آهي جيڪو ٺٽي جو ايڌي آهي هن جون تعليم جي بهتريءَ ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيل خدمتون تمام شاندار آهن ،ٺٽي ضلع جي ناميارين سياسي سماجي ۽ صحافتي شخصيت جاويد لطيف ميمڻ پنهنجي ويچارن ۾ چيو تہ محمد علي خٽڪ ايماندار ۽ محبتي انسان آهي جيڪو هميشہ هر ڪنهن کي بنان ڪنهن فرق محبتون ڏيندڙ آهي سنڌس تعليم جي بهتري لاءِ سنڌس ڪيل خدمتون تمام اتساهہ ڏياريندڙ آهي ،گهارو شهر ۾ تعليم جون ڏيائيون ٻارڻ لاءِ ڪوششون ڪندڙ رياض احمد جوکيو ۽ وسيم ترين پڻ پنهنجي ويچارن ۾ محمد علي خٽڪ جي ڪيل تعليمي ۽ سماجي خدمتن تي کيس زبردست ڀيٽا پيش ڪئي، موقعي تي پروگرام جي مهمان خاص تعليمي رضا ڪار ۽ سماج سڌارڪ سنڌي محمد علي خٽڪ چيو تہ سنڌ منهنجي ماءُ آهي ۽ سنڌي منهنجا ڀائر آهن هن وڌيڪ چيو تہ جيڪو سنڌ جو کائي ان سان نمڪ حرامي ڪري ٿو اهو بيڪار ترين انسان آهي هن چيو تہ اڄ جيڪا دوستن عزت ۽ محبت ڏني آهي اها هميشہ دل ۾ رهندي انشاءالله تعليم جي بهتريءَ ۽ انسان ذات جي بهتريءَ لاءِ اڃان بہ وڌيڪ خدمت ڪندس،پروگرام جي ميزبان محمد علي شيخ چيو تہ اها اسان جي اداري جي خوشقسمتي آهي جو اڄ اسان محمد علي خٽڪ جهڙي اعلا درجي جي ڪاهوڙي انسان جي سالگرهہ پيا ملهايون ۽ ان کان وڌيڪ خوشي ان ڳالهہ جي آهي تہ اڄ هن ڳوٺ ۾ سنڌس ئي هٿن سان پرائمري اسڪول جو بنياد رکي رهيا آهيون ،تقريب ۾ ٻين کان علاوہ مختلف سياسي سماجي تعليمي شخصيتن ڊاڪٽر خرم افضل آرائين ،ڊاڪٽر منير احمد آرائين ،حماد اشرف ،حنيف هولائي،محمد آدم ملاح ،سيد اقبال شاهہ،حمزو ناهيون، رياض احمد جوکيو ،راجا محمود ، محمد مراد ناهيو،محمد علي شيخ، ونس معصوم ٻارڻ ۽ ٻارڙين جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي.

**بقايا | سنڌيار | 19**

چوڪ ۾ دمبالو جي رهواسي نور حسن پنهور کان نامعلوم ڦورو هٿيار ڏيکاري موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏهن تہ بدين شهر جي شاهہ برهان روڊ تي بدين پريس ڪلب جي نائب صدر سينئر صحافي دودو پنهور جي ڀائيٽي سجاد پنهور کان نامعلوم ڦورو موبائل فون ڦر ڪري فرار ٿي ويا شهرين ايس ايس پي بدين کان مطالبو ڪيو تہ ڦورو گرفتار ڪري چوري جا موبائل فون واپس ڪرايا وڃن ۽ چوري جا فون خريد ڪري آئي ايم آئي نمبر تبديل ڪندڙ موبائل فون ٽيڪنيشن جي خلاف سخت ڪارروائي ڪئي وڃي

**بقايا | سنڌيار | 20**

گڏ ايڪسري ، هيپاٽائيٽس بي ، سي ، مليريا ۽ ٽي بي جون مفت ٽيسٽون ڪيون ، انهي موقعي تي پي ايم اي جي ڪوآرڊينٽر ڊاڪٽر محمد رفيق وگهيو ، جنرل سيڪريٽري ڊاڪٽر محمد علي ميمڻ ، فيلڊ آفيسر جمال حيدر دستي ۽ ٻين صحافين سان ڳالهائيندي چيو تہ سنڌ حڪومت جي هدايت تي صحت کاتي ٽنڊو محمد خان پاران ضلعي جي مختلف ڳوٺن ۾ صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پي ايم اي ۽ مرسي ڪور ڏينهن رات ڪوششون وٺي ٻهراڙي جي ڏورانهن وارن علائقن ۾ مفت صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ جون ڪوششون ڪري رهيا آهيون ، هنن وڌيڪ چيو تہ ميڊيڪل ڪئمپون لڳائڻ جو مقصد ٻهراڙي جي غريب مسڪين ماڻهن کي مفت صحت جون بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي جنهن لاءِ پي ايم اي پنهنجي جاکوڙ جاري رکندي پوري ضلعي اندر ميڊيڪل ڪئمپون لڳائڻ جو سلسلو جاري رکيو ويو آهي ، انهي موقعي تي ڊاڪٽر محفوظ جمالي ، ڊاڪٽر فرزانا ڊاڪٽر رضوان مريضن جو معائنو ڪري مفت دوائون فراهم ڪيون.

**بقايا | سنڌيار | 21**

عرف ٻبلو لاکو خلاف پوليس اسٽيشن سيوهڻ ۾ ڪيس داخل 20 پيڪيٽ هٿ ڪري گرفتار ڪري جيل حوالي ڪيو ويو جمشيد لاکو ڪيترن ئي سالن کان سيوهڻ تعلقي جي مختلف وڏي آبادي وارن ڳوٺن،جهنگارا، ڪرمپور، بوبڪ سميت مختلف شهرن ۾ زهريلي سوپاري موڪليندو هو سيوهڻ شريف پوليس سفارش جي بنياد تي ڪمزور ڪيس داخل ڪري جوابدار کي رليف ڏئي ڇڏيو

**بقايا | سنڌيار | 22**

۽ سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي ، انهي موقعي تي جسقم اڳواڻ ظهور هاليپوٽو ، عنايت علي ، فرحان برڙو ، راجا حاجاڻو ، معشوق سليو ، ملوڪ پٽي ۽ ٻين جو چوڻ هو تہ بحريا ٽائون سنڌ دشمن منصوبو آهي جنهن کي ڪنهن بہ صورت ۾ قبول نہ ڪيو ويندو بحريا ٽائون جي زمين سنڌ جي ملڪيت آهي جيڪا ڳچڙن مٺ عيوض ملڪ رياض کي ڏني وئي آهي سنڌ جون ملڪيتون اٿين نيلام ڪرڻ جي اجازت ڪنهن کي بہ ڏني ويندي هنن مطالبو ڪيو تہ فوري طور سنڌ دشمن رٿائن تي عملدرآمد بند ڪيو وڃي.

**بقايا | سنڌيار | 23**

تہ پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ پ پ جي مرڪزي قيادت نوجوان جيالي سيد ڪميل حيدر شاهہ کي نامزد ڪري هڪ بهترين فيصلو ڪيو آهي جنهن جي مڪمل حمايت ڪيون ٿا سيد ڪميل حيدر شاهہ سوشل ورڪر آهي جيڪو غير سرڪاري تنظيم جي پليٽ فارم تان اڳ بہ عوام جي خدمت ڪندو رهيو آهي ۽ ضلعي چيئرمين سکر چونڊجي وڌيڪ پارٽي کي مظبوط ڪرڻ سان گڏ سکر ضلعي ۾ هڪ مثالي تبديلي آڻيندو اهڙو اظهار هن جاري ڪيل بيان ۾ ڪيو آهي زاهد حسين لاشاري جو وڌيڪ چوڻ هو تہ سيد ڪميل حيد شاهہ صوبائي وزير ۽ اڳوڻي ضلعي ناظم سکر سيد ناصر حسين شاهہ جو فرزند هجڻ ڪري کيس 8 سال ضلعي ناظم سکر رهندڙ والد سيد ناصر حسين شاهہ جي تجربي مان ڀرپور رهنمائي حاصل ڪري سکر ضلعي جي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو پيپلز ليبر بيورو جا ورڪر ۽ عهديدار سيد ڪميل حيدر شاهہ جي مڪمل حمايت ڪيون ٿا ۽ پ پ چيئر سميت مرڪزي ۽ صوبائي قيادت جا ٿورائتا آهيون

**بقايا | سنڌيار | 24**

3 جوابدارن کي گرفتار ڪيو آهي جنهن ۾ 4 مهينا اڳ ٿاڻي پرسان وسيم شيخ کان ڦر ٿيل 20لک جي ڏوهاري جوابدار کي ٽريس ڪري هڪ جوابدار اعجاز مگسي کي گرفتار ڪري وٽس 10 لک هٿ ڪيا آهن. ڊي ايس پي شهدادڪوٽ يار محمد رند پنهنجي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ميڊيا وارن کي ٻڌايو تہ گرفتار جوابدار اعجاز مگسي کان 10 لک هٿ ڪيان آهن ۽ جوابدار جي ڪرمنل رڪارڊ ڪراچي سميت ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي مختلف ٿاڻن تي ڪيس داخل ٿيل آهي جنهن ۾ 7 کان وڌيڪ ڪيس داخل ٿيل آهن. ڊي ايس پي يار محمد رند ٻڌايو تہ شهر ۾ هڪ ٻئي موبائل فون ڦر گينگ آهي جنهن تعداد 3 کان وڌيڪ آهي جنهن مان هڪ گينگ کي گرفتار ڪيو آهي جنهن ۾ غلام ياسين مگسي، فرحان مگسي کي گرفتار ڪري ڪين 10 موبائل فون هٿ ڪيون آهن، ڊي ايس پي يار محمد رند چيو تہ وڌيڪ ڏوهارن کي بہ ٽريس ڪيون پيا جن کي بہ جلد گرفتار ڪري وٽس ڦر ٿيل سامان هٿ ڪنداسين. هن وڌيڪ چيو تہ شهرين کي بہ گهرجي تہ هو پوليس سان تعاون ڪن تہ جيئن ڏوهارين کي قانون جي گرفت ۾ آڻي سگهجي.

**بقايا | سنڌيار | 25**

وزير سيد ناصر حسين شاهہ جي فرزند سيد ڪميل حيدر شاهہ کي ضلعي ڪائونسل سکر جو چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين اختر خان مهر کي نامزد ۽ اسلام الدين شيخ جي پٽ ارسلان شيخ کي ميئرسکر لاءِ جڏهن تہ ڊپٽي ميئر سکر لاءِ ڊاڪٽر ارشد مغل کي نامزد ڪرڻ، نثار صديقي ٽائون ڪميٽي لاءِ چيئرمين سيد زيرڪ خورشيد شاهہ، وائيس چيئرمين ذوالفقار ڪوسو،مڪي شاهہ ٽائون ڪميٽي لاءِ چيئرمين محمد دين راجپوت، وائيس چيئرمين مرتضي گهانگهرو، جيئي شاهہ ٽائون لاءِ آغا محسن پٺاڻ، وائيس چيئرمين عزيز الله مغل کي نامزد ڪرڻ تي پ پ جي مرڪزي ۽ صوبائي قيادت جا ٿورا مڃيندي نامزد ڪيل اميدوارن کي مبارڪباد ڏني ۽ اميد ظاهر ڪئي تہ نون چونڊيل اميدوارن سنڌن عهدن تي ڪامياب ٿيڻ بعد شهر ۽ شهرين جي مسئلن جي حل لاءِ ڪم ڪنداءِ شهرين کي سنڌن بنيادي ۽ مقامي حق ڏيارڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو. هن عهديدارن کي يقين ڏياريو تہ شهر جي تعمير ۽ ترقي لاءِ سنڌن سهڪار جاري رکيو ويندو

**بقايا | سنڌيار | 26**

نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيحات ۾ شامل آهي، اهڙن خيالن جو اظهار سي او واٽر بورڊ انجنيئر اسدالله خان مرڪزي اڳواڻ جي يو آئي قاري محمد عثمان جي قيادت ۾ آيل وفد سان ايم ڊي سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ ملاقات دوران ڪيو. ان موقعي تي جي يو آئي اڳواڻ پاران سي او واٽر بورڊ کي شير شاهہ ضلعو ڪياماڙي ۽ ضلعو اولہ ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي مختلف مسئلن بابت آگاهي ڏيندي چيو تہ سمورن مسئلن جي حل لاءِ موثر ۽ تڪڙا قدم کنيا وڃن، سي او واٽر بورڊ پاران جي يو آئي اڳواڻ کي ملاقات دوران پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي بابت سمورين شڪايتن جي فوري ازالي جو يقين ڏياريندي لاڳاپيل آفيسرن کي موقعي تي ئي حڪم جاري ڪندي پابند ڪيو تہ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪري شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪيون وڃن، سي او واٽر بورڊ ٻڌايو تہ جناح روڊ، عالمگير روڊ، تور بابا روڊ گلي نمبر 14 ۽ 16 شير شاهہ ڪالوني پراڻي يو سي نمبر ون، نئي يو سي نمبر 4 ۾ پاڻي جي نئين ڊسٽري بيوشن لائين لڳائڻ جي سنڌ حڪومت منظوري ڏيئي ڇڏي آهي، جنهن جو ٽينڊر جاري ٿيڻ تي ڪم شروع ڪيو ويندو هن چيو تہ نئين لائين وڇائڻ سان لاڳاپيل علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي ۾ ڪافي بهتري ايندي ۽ غير قانوني ڪنيڪشن جو مڪمل خاتمو ٿيندو، ان موقعي تي جي يو آئي اڳواڻ پاران واٽر بورڊ جي آفيسرن ۽ ملازمن جي خدمتن کي ساراهيندي چيو اسان کي پوري اميد آهي تہ واٽر بورڊ پنهنجي ماضي جي روايتن کي برقرار رکندي مستقبل ۾ بہ شهرين جي خدمت جاري رکندو ۽ سڄي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي حل لاءِ بهتر قدم کڻندي شهرين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻيندو، سي او واٽر بورڊ ملاقات دوران ڳالهائيندي وڌيڪ چيو تہ سنڌ حڪومت جي خصوصي هدايتن تحت واٽر بورڊ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي وارن سمورن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪري رهيو آهي تہ جيئن شهرين کي ڪنهن بہ پريشاني کي منهن ڏيڻو نہ پوي، ان موقعي تي منصور صديقي، حنيف بلوچ، موهن لال، غلام محمد حب، مولانا عظيم الله عثمان، ڊاڪٽر اڪبر خان، سيد اڪبر شاهہ هاشمي، مفتي محمد خالد، حاجي امين الحق، مولانا حبيب رزاق، فيروز خان، عمر خان ۽ ٻيا موجود هئا.

**بقايا | سنڌيار | 27**

۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو تہ ڪراچي جو هڪ بااثر ماڻهون هتي زمينداري ڪري ٿو پرياسي جي ڳوٺاڻن کي مسلسل تنگ ڪندو رهي ٿو اڄ ان بااثر زميندار جي مينيجر سنڌس زمين ۾ ويندڙ ڳوٺاڻن جي بي زبان جانورن کي لٺيون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو ۽ هڪ ٻڪري کي ذبح ڪري زمين کان ٻاهر اڇلائي ڇڏيو آهي ۽ ڳوٺاڻن کي ڌمڪي ڏني آهي تہ منهنجي زمين جي پر مان جيڪو بہ گذرندو ان کي ان طريقي سان ذبح ڪيو ويندو گهارو پوليس ٻڪري کي کڻي اڇلائيندڙ بااثر زميندار جي مينيجر فرازخليل کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو علائقي جي ماڻهن جو چوڻ آهي تہ بااثر زميندار جا هٿي رکيل غنڊا غريب ماڻهن کي رستي ويندي تنگ ڪندا آهن ۽ هٿيارن جي زور تي ڌمڪائيندا آهن رات جو وڏي هوائي فائرنگ ڪري ڳوٺاڻن جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي ڳوٺاڻن جو چوڻ آهي تہ بااثر زميندار جي سيني غنڊہ گردي ڪندڙن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

**بقايا | سنڌيار | 28**

روڊ سر تالي پل پرسان 6 هٿياربندن واپارين حاجي سومار ڪنيار اختر ڪنيار حافظ سجاد ڪنيار قاسم ڪنيار عطا محمد ڪنيار ۽ رمضان جت کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي گڏيل طور 15 لک روپيہ ۽ بہ عدد موبائل فون ڦر ڪري ويا اهڙي رپورٽ ماتلي ٿاڻي تي پڻ درج ڪرائي وئي آهي ٻئي طرف ماتلي پوليس جاءِ واردات تي پهچي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي.

**بقايا | سنڌيار | 29**

تي رائيس ڪينال جي پتيجي موري تي جلباڻي ذات جي هٿياربندن گولين جو ڪاچ بڻايو قتل واقعي ۾ ملوث جوابدار سانوڻ عرف بگن جلباڻي غلام محمد جلباڻي منظور جلباڻي مختيار جلباڻي گل بهار جلباڻي ۽ هڪ نامعلوم جوابدار اسان جي چڱي مڙس کي بيدردي سان قتل ڪيو آهي قتل واقعي جو ڪيس ميهڙ جي بي سيڪشن ٿاڻي تي داخل ڪرايو آهي پوليس اڃا تائين قاتلن کي گرفتار نہ ڪري سگهي آهي آزادي سان قاتل سرعام هٿيار کڻي گهمي رهيا آهن ۽ اسان کي جاني نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن قتل ڪيس جي فريادي مقتول جي فرزند چا م خان شر وڌيڪ چيو تہ اسان جي والد جي قاتلن جي گرفتاري ۾ پوليس تحرڪ وٺي احتجاج ڪندڙ شر برادري جي ماڻهن انصاف لاءِ سپريم ڪورٽ آف پاڪستان جي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس آءِ جي سنڌ پوليس ڊي آءِ جي حيدر آباد ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج دادو ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر عبدالخالق پيرزادو کان مطالبو ڪيو تہ مقتول زميندار خير محمد شر جي قتل ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري عمل ۾ آندي وڃي ۽ قاتل کي ڪيفر ڪردار سزا ڏني وڃي ۽ اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ٻئي صورت ۾ مقتول جي قاتلن جي گرفتاري تائين اسان وارث پرامن احتجاج جو دڳ اختيار ڪنداسين

**بقايا | سنڌيار | 30**

H2 PPC 148,149,337 ۾ اڄ سيشن ڪورٽ ٺٽو جوابدار ڏر آدم ٻير ۽ ٻين جي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي، هن ڪيس ۾ جوابدار ڏر آدم ٻير ۽ ٻين پاران ڪيس جي پيروي وڪيل منور علي پٽو پاران ڪئي ويئي، جنهن جو چوڻ هو تہ ڪوهستان ۾ ڌارين جي ظلم ڏاڍ جي ستايل مظلوم سنڌي ماڻهن جي مالڪي ڪري ڪين ڪڏهن بہ اڪيلو نہ ڇڏينداسين

**بقايا | سنڌيار | 31**

جو چوڻ آهي تہ 6 جون سنڌي قوم جو بحريہ ٽائون خلاف مزاحمت جو ڏينهن آهي سنڌ ۾ بحريہ ٽائون ڊي ايڇ اي ۽ سٽي ۽ ٻين هائوسنگ اسڪيمن سنڌ کي وڏو نقصان ڏنو آهي هنن هائوسنگ اسڪيمن خلاف وڏي جدوجهد ڪرڻ کپي اڳواڻن جسقم تعلقہ صدر نوراحمد باگراڻي ڪامريڊ پيربخش باگراڻي ڪامريڊ رمضان باگراڻي ۽ ٻين اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ آهي تہ جسقم چيئرمين صنعان خان قريشي جي مٿان مڙهيل سمورا هڙرادو ڪوڙا ڪيس فوري طور تي ختم ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

**بقايا | سنڌيار | 32**

جي جي لوڊ شيڊنگ جي عوامي مسئلن جي حل لاءِ اجلاس ٿيو جنهن ۾ لاڳاپيل عملدارن سميت سياسي، سماجي، مذهبي، ڪاروباري اڳواڻن کان علاوہ صحافين، وڪيلن ۽ معززين شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي تہ ٺٽي ۽ مڪلي سميت ضلعي جي سمورن شهرن ۾ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي کي يقيني بڻايو وڃي ۽ گئس جي لوڊشيڊنگ کان پاسو ڪيو وڃي تہ جيئن عوام کي پريشاني کان بچائي سگهجي. ڊپٽي ڪمشنر اجلاس ۾ شرڪت نہ ڪرڻ تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي ايڪسين حيسڪو خلاف ڪارروائي لاءِ ڊويزنل ڪمشنر حيدرآباد ۽ حيسڪو چيف کي خط موڪلڻ جا حڪم پڻ جاري ڪيا. هن چيو تہ عوام کي پاڻي، بجلي ۽ گئس جي بنيادي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ لاءِ جتادار قدم کنيا پيا وڃن هن چيو تہ عوام کي گهربل بنيادي سهولتن جي فراهمي ضلعي انتظاميہ جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر غلام فاروق سومرو سياسي، سماجي، مذهبي، واپارين، صحافين، وڪيل برادري ۽ معزز شهرين کي يقين ڏياريو تہ پاڻي، بجلي ۽ گيس جي مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي ويندي تہ جيئن عوام کي رليف فراهم ڪري سگهجي.

**بقايا | سنڌيار | 33**

. رپورٽ موجب سنگرار شهر مان 22 مهينا اڳ 7 سالن جي معصوم نياڻي پريا ڪماري 10 محرم الحرام تي پر اسرار نموني گم ٿي وئي هئي سنڌس والد اغوا جو شڪ ڄاڻائيندي سنگرار ٿاڻي تي ڪيس بہ داخل ڪرايو هو ليڪن اڄ تائين معصوم نياڻي جو ڪوبہ ڏس پتو پئجي نہ سگهيو انساني حقن جي تنظيم هيومن رائيٽس يونٽي فائونڊيشن جو وفد مرڪزي چيئرمين ايڊوڪيٽ الاهي بخش ميتلو وائيس چيئرمين زبيده گهانگهرو ليڊيز ونگ صوبي سنڌ جي اڳواڻ شهناز منگي ڊويزنل اڳواڻ سگند منگي مرڪزي جوائنٽ سيڪريٽري عبدالخالق مگريو سنڌ جو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري محمد علي ميمڻ، ۽ ضلعي سکر جو صدر محمد يوسف ناڙيوال منيارٽي ونگ سک جو صدر چندو مل سميت ٻين اڳواڻن پريا ڪماري جي والد ۽ والده سان ملاقات بعد هندو پنچات سکر جي مکي ايشور لعل ۽ ٻين اڳواڻن سان ملاقاتون معلومات ورتي ۽ گڏيل احتجاجي مظاهرو ڪيو ان موقعي تي ڳالهائيندي مرڪزي چيئرمين ايڊ ڪيٽ الاهي بخش ميتلو آپا زبيده گهانگهرو چيو تہ متاثر خاندان سان گڏ آهيون ، هندو پنچائت سان گڏجي معصوم ٻارڙيءَ جي بازيابيءَ تائين گڏجي جدوجهد ڪنداسين،۽ هنن مفت قانوني مدد لاءِ وڪيلن جو پينل ڏيڻ جو پڻ اعلان ڪيو مکي ايشور لعل چيو تہ سنڌ حڪومت پريا ڪماري بابت اطلاع ڏيڻ لاءِ لکين رپيا انعام رکڻ باوجود هن وقت تائين معصوم نياڻي کي بازياب ناهي ڪرائي سگهي، پرياڪماري جي والد ۽ امڙ پنهنجي معصوم نياڻي جي جدائيءَ تي روئي روئي هال هيٺا ڪري ڇڏيا آهن ، سکر پوليس ٻارڙيءَ کي بازياب ڪرڻ بدران خاموشي اختيار ڪري ورتي آهي، اسان کي نئين سري سان گڏجي آواز اٿارڻو پوندو ان موقعي تي پريا ڪماري جي امڙ روئيندي ٻڌايو تہ منهنجي غلطي اها آهي تہ مان ميڊيا تي نياڻي لاءِ ڏانهون ناهن ڪيون ،خدارا مونکي پنهنجي معصوم نياڻي واپس ڪرائي ڏيو امڙ جيجل جون ڏانهون ،ان موقعي تي پرياڪماري جي والد راج ڪمار چيو تہ ڇا منهنجي نياڻي جي بازيابي لاءِ آواز چوڻ تہ ٿو اٿاريو وڃي ، ڇا اسان پاڪستاني ناهيون، خدا جي واسطي پرياڪماري کي بازياب ڪرايو وڃي ، نياڻي کان بغير گهر ۾ سڪون ناهي ، جيسيڪڏهن پرياڪماري بازياب نہ ٿي تہ پاڻ سڙينداسين، انساني حقن جي تنظيم هيومن رائيٽس يونٽي فائونڊيشن جي اڳواڻن وفاقي حڪومت ۽ سنڌ سرڪار آئي جي سنڌ ڊي آئي جي سکر ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو تہ معصوم پرياڪماري کي جلد بازياب ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ ڀرپور احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

**بقايا | سنڌيار | 34**

تي فصلن جي غير قانوني پوکائي شروع ٿي وئي آهي، روهڙي ۽ سکر ۾ سنڌو درياهہ ۾ پاڻي جي سطح انتهائي گهٽجي وئي آهي جنهن سبب جاڙن شهرن جي رهواسين کي پيئڻ جي پاڻي سميت فصل جي پوکائي لاءِ پاڻي جي فراهمي نہ پئي ٿئي جڏهن تہ درياهہ جي ڪناري تي رهندڙ مقامي هارين آبپاشي کاتي سکر جي عملدارن جي ملي ڀڳت سان غير قانوني طور سبزين جا فصل پوکڻ ڇڏيا آهن درياهہ ۾ پاڻي گهٽجائي سبب پوکيل ڀاڄين جا فصل بہ سوڪهڙي جو شڪار ٿي ويا آهن عدالت پاران واهن ۽ درياهہ جي ڪنارن تي حدخليون ختم ڪرڻ جا واضح حڪم ڏيڻ باوجود هارين ۽ آبپاشي کاتي جي ملي ڀڳت سان درياهہ جي ڪنارن کي تباهہ ڪيو پيو وڃي،سکر جي شهرين ۽ سماج سڌارڪ اڳواڻن اعلي اختيارن کان ڄاڻايل عمل جو نوٽيس وٺندي ملوث آفيسرن ۽ آبادگارن خلاف ڪارروائي ڪرائڻ جي گهر ڪئي آهي

**بقايا | سنڌيار | 35**

پروفيسر ڊاڪٽر مينهون خان لغاري خاص مهمان هو ان موقعي تي خطاب ڪندي پروفيسر ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري چيو تہ هي دور سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جو دور آهي ۽ اسان ان جي عروج جا شاهد آهيون. اسان جي روزاني زندگيءَ ۽ سماج ۾ نوان رجحان، ٽيڪنالاجي ۽ طريقا اختيار ڪرڻ کي ٽيڪنالاجي جنبو آهي. هن چيو تہ اهو اسان جي روش تي منحصر آهي تہ اسان ان کي ڪيئن اپنائي ۽ انسانيت ۽ رياست جي ڀلائي لاءِ مثبت طريقي سان استعمال ڪري رهيا آهيون. ڊاڪٽر تاج محمد لاشاري يونيورسٽي جي نوجوانن کي سکڻ جو پليٽ فارم مهيا ڪرڻ تي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر خليل احمد ابوپوٽو جي ڪوشش کي ساراهيو پروفيسر ڊاڪٽر مينهون خان لغاري چيو تہ اسان جي شاگردن ۾ سکڻ جي صلاحيت موجود آهي هي مڪالمو ان جو واضح مثال آهي. هن چيو تہ هي مڪالمو ۽ شاگردن جون ٻيون مثبت سرگرميون مقابلي جو رجحان پيدا ڪنديون. ڊاڪٽر لغاري ان موضوع تي شاگردن جي خيالن کي پڻ ساراهيو ڊاڪٽر مينهون خان لغاري چيو تہ هي موضوع ايرنڊز ٽيڪنالاجي جو موضوع آهي. هن چيو تہ هي ملڪ جو پهريون اسٽوڊنٽس سوسائٽي سينٽر آهي جيڪو موجوده وائيس چانسلر جي متحرڪ قيادت ۾ شاگردن جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ سرگرم عمل آهي. مختلف تدريسي ادارن ۽ شعبن جي شاگردن ٻن گروپن جي صورت ۾ مڪالمي ۾ شرڪت ڪئي. هڪ گروپ چيو تہ مصنوعي ذهانت (AI) جو سماج تي اثر تي وڏي پيماني تي بحث ڪيو پيو وڃي. اهڙا مختلف دليل ۽ تجزيا آهن تہ مصنوعي ذهانت عام طور تي زندگي جي معيار کي بهتر بڻائي سگهي ٿي ۽ اڃا بہ تمام پيچيده ڪم انسان کان بهتر ڪري سگهي ٿي. مصنوعي ذهانت زندگي کي تمام آسان، محفوظ ۽ وڌيڪ منظم ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن تہ ٻئي گروپ دليل ڏنو تہ مصنوعي ذهانت غير محفوظ آهي ۽ انسانن جي رازداري کي متاثر ڪيو آهي، ماڻهن ۾ نسل پرستي وڌي رهي آهي، مستقبل ۾ مصنوعي ذهانت سبب عوام ۾ بيروزگاري وڌڻ جو خدشو آهي. مڪالمي جا ججز پروفيسر ڊاڪٽر رياض احمد شيخ، پروفيسر ڊاڪٽر عبدالله ميتلو ۽ مير عبدالفائق ٽالپر هئا. مڪالمي ۾ عبدالرزاق ۽ سنڌس گروپ فاتح رهيو جڏهن تہ ذيشان ۽ سنڌس گروپ رنر اپ رهيو مڪالمي ۾ ڊاڪٽر سيد عمران احمد شاهہ، شمائلہ رباب رضوي ۽ شاگردن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي، مڪالمي ۾ اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض اسٽوڊنٽس سوسائٽي سينٽر جي انچارج ڊاڪٽر علي رضا لاشاري سرانجام ڏنو

**بقايا | سنڌيار | 36**

جو سيال اسٽاپ سگهيون وٽ احتجاجي مظاهرو ڊرٽو پوليس خلاف سخت نعريبازي گذريل 2 ڏينهن اڳ مظهر ماڊل اسڪول جا نامعلوم چور 2 ڏينهن اڳ مين گيٽ جا تالا ٽوڙي اسڪول مان 2 سولر پليٽون، 2 پکا، هڪ بيٽري ۽ ٻيو قيمتي سامان چوري ڪري آساني سان فرار ٿي ويا جنهن جو اطلاع حد جي پوليس هنگورجا ٿاڻي تي ڏيڻ باوجود هنگورجا پوليس واقعي واري هنڌ نہ پهتي صحافي جي ٿيل چوري واقعي کي 2 ڏينهن گذري وڃڻ باوجود پوليس ڪا بہ جاچ شروع نہ ڪئي اهڙي عمل خلاف سگهيون جي صحافين نيشنل پريس ڪلب سگهيون جي صدر گلاب علي سيال، محرم خان منگنيجو ، سيد آغا سجاد حسين شاهہ، مظهر نعمت علي منگنيجو، عتيق الرحمان متو، جيئي سنڌ پورهيت سنگت جي تعلقہ اڳواڻ ڪامريڊ غلام قادر چنا، بلاول الدين منگنيجو، عمران جمالي، نياز منگنيجو سميت ٻين سياسي توڙي سماجي ڌرين جي ماڻهن سگهيون جي سيال اسٽاپ وٽ احتجاجي مظاهرو ڪري احتجاجي مظاهرو ڪندي نيشنل پريس ڪلب سگهيون جي صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو تہ 2 ڏينهن اڳ رات جو دير سان نامعلوم چور مظهر ماڊل ايليمينٽري اسڪول جا تالا ٽوڙي اسڪول مان چوري ڪري فرار ٿي ويا هڪ تعليمي اداري مان ٿيل چوري جي هنگورجا پوليس ڪا بہ جاچ نہ پئي ڪري جيڪا سراسر هنگورجا پوليس جي نااهلي آهي ۽ تعليمي ادارن سان زيادتي آهي هنن اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو تہ نا اهل هنگورجا ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي هٽائي فرض شناس ايس ايڇ او مقرر ڪري اسڪول مان چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

**بقايا | سنڌيار | 37**

نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ اسان جي اولين ترجيحات ۾ شامل آهي، اهڙن خيالن جو اظهار سي او واٽر بورڊ انجنيئر اسدالله خان مرڪزي اڳواڻ جي يو آئي قاري محمد عثمان جي قيادت ۾ آيل وفد سان ايم ڊي سيڪريٽريٽ ڪارساز ۾ ملاقات دوران ڪيو. ان موقعي تي جي يو آئي اڳواڻ پاران سي او واٽر بورڊ کي شير شاهہ ضلعو ڪياماڙي ۽ ضلعو اولہ ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي مختلف مسئلن بابت آگاهي ڏيندي چيو تہ سمورن مسئلن جي حل لاءِ موثر ۽ تڪڙا قدم کنيا وڃن، سي او واٽر بورڊ پاران جي يو آئي اڳواڻ کي ملاقات دوران پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي بابت سمورين شڪايتن جي فوري ازالي جو يقين ڏياريندي لاڳاپيل آفيسرن کي موقعي تي ئي حڪم جاري ڪندي پابند ڪيو تہ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جا سمورا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪري شهرين کي بهتر سهولتون فراهم ڪيون وڃن، سي او واٽر بورڊ ٻڌايو تہ جناح روڊ، عالمگير روڊ، تور بابا روڊ گلي نمبر 14 ۽ 16 شير شاهہ ڪالوني پراڻي يو سي نمبر ون، نئي يو سي نمبر 4 ۾ پاڻي جي نئين ڊسٽري بيوشن لائين لڳائڻ جي سنڌ حڪومت منظوري ڏيئي ڇڏي آهي، جنهن جو ٽينڊر جاري ٿيڻ تي ڪم شروع ڪيو ويندو هن چيو تہ نئين لائين وڇائڻ سان لاڳاپيل علائقن ۾ پاڻي جي فراهمي ۾ ڪافي بهتري ايندي ۽ غير قانوني ڪنيڪشن جو مڪمل خاتمو ٿيندو، ان موقعي تي جي يو آئي اڳواڻ پاران واٽر بورڊ جي آفيسرن ۽ ملازمن جي خدمتن کي ساراهيندي چيو اسان کي پوري اميد آهي تہ واٽر بورڊ پنهنجي ماضي جي روايتن کي برقرار رکندي مستقبل ۾ بہ شهرين جي خدمت جاري رکندو ۽ سڄي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي حل لاءِ بهتر قدم کڻندي شهرين جا مسئلا حل ڪرڻ لاءِ سمورا وسيلا ڪتب آڻيندو، سي او واٽر بورڊ ملاقات دوران ڳالهائيندي وڌيڪ چيو تہ سنڌ حڪومت جي خصوصي هدايتن تحت واٽر بورڊ شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي وارن سمورن مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪري رهيو آهي تہ جيئن شهرين کي ڪنهن بہ پريشاني کي منهن ڏيڻو نہ پوي، ان موقعي تي منصور صديقي، حنيف بلوچ، موهن لال، غلام محمد حب، مولانا عظيم الله عثمان، ڊاڪٽر اڪبر خان، سيد اڪبر شاهہ هاشمي، مفتي محمد خالد، حاجي امين الحق، مولانا حبيب رزاق، فيروز خان، عمر خان ۽ ٻيا موجود هئا.

**بقايا | سنڌيار | 38**

مخصوص سيٽن تي چونڊجي ايندڙ اميدوار ايندڙ ڪجهہ ڏينهن ۾ حلف کڻندا ڪنول لاشاري جو تعلق دادو ضلعي جي انتهائي پٺتي پيل علائقي ڪاڇي جي ڳوٺ پير بخش لاشاري سان آهي. ڪنول لاشاري لا جي اسٽوڊنٽ آهي جيڪا يونيورسٽي آف لنڊن سان لاڳاپيل ٽيمس اسڪول آف لا ۾ لا جي ڊگري ڪري پئي ڪنول لاشاري لا جو پهريون سال مڪمل ڪري ورتو آهي. ڪنول لاشاري جو چوڻ آهي تہ هو جنهن علائقي سان تعلق رکي ٿي اتي تمام گهڻي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي. خاص طور تي عورتن جي حقن لاءِ وڌيڪ ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي ان ڪري سياست ۾ پڙهيل لکيل عورت جو هجڻ ضروري آهي ضلعي ڪائونسل ۽ يونين ڪائونسل ۾ عورتن جي سيٽن تي اڪثر انهن پيرسن عورتن جا نالا ڏنا ويندا آهن جيڪي عورتن لاءِ ڪم نہ ڪري سگهنديون آهن انهن عورتن جو ڪم مرد ئي پيا هلائيندا آهن ان ڪري مون فيصلو ڪيو تہ ڪاڇي جي پٺتي پيل عورتن جي نمائندگي لاءِ ضلعي ڪائونسل توڙي اسيمبلين ۾ ان ئي علائقي سان تعلق رکندڙ پڙهيل لکيل عورت جو هجڻ ضروري آهي منهنجي ڊگري ٻن سالن ۾ مڪمل ٿي ويندي مان چاهيان ٿي تہ اسان جي علائقي جون ڇوڪريون اڳتي اچن مان پنهنجي علائقي جي پهرئين ڇوڪري آهيان جيڪا لا ڪيان پئي ۽ ننڍي عمر ۾ ضلعي ڪائونسل جي ميمبر ٿي آهيان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ليڊيز ونگ جي اڳواڻ فريال ٽالپر ۽ ايم اين اي دادو رفيق احمد جمالي جي مهرباني آهي جن مونکي اهڙو موقعو ڏنو

**بقايا | سنڌيار | 39**

ڪري رهي آهي پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ يوٽرن خان کي هاڻي يوٽرن وٺڻ لاءِ بہ موقعو نہ ملندو هو پنهنجي سياسي ساک وڃائي چڪو آهي محب وطن پاڪستانين سميت ان جي ساٿين بہ ملڪ دشمن پاليسين تي ان کي خيرآباد ڪرڻ شروع ڪري ڏنو آهي موجوده ن ليگ جي حڪومت عوام کي دلدل مان ڪڍڻ لاءِ موثر حڪمت عملي تيار ڪري رهي آهي ۽ انشاءَ الله تمام جلد عوام ۽ شهري خوشخبري ٻڌندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن ن ليگ سيڪريٽريٽ ۾ علائقي واسين ۽ شهرين جي وفد سان ڳالهائڻ دوران ڪيو ملاقات ۾ شهري ۽ علائقي واسين ان کي عوامي مسئلن کان آگاهہ ڪيو ۽ جنهن تي ان معزز شهرين کي يقين ڏياريو تہ انهن کي درپيش مشڪلاتون حل ڪرڻ لاءِ ضلعي آفيسرن کي جلد آگاهہ ڪيو ويندو تہ جيئن ان جي مشڪلاتن جو ازالو ممڪن ٿي سگهي.

**بقايا | سنڌيار | 40**

علي خٽڪ تعليم جي بهتريءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ايمانداريءَ سان ادا ڪري رهيو آهي، اهڙيون ڳالهيون سنڌ ڪلچرل فورم جي باني چيئرمين صادق لاکو، گهاري شهر جي پٺ تي پيل علائقي عبدالستار شيخ ڳوٺ ۾ نيشنل الفلاح ويلفيئر ٽرسٽ طرفان ٺٽي ضلعي جي بهترين تعليمي رضا ڪار سنڌي محمد علي خٽڪ جي 42 هين سالگرهہ ملهائي واري تقريب کي مخاطب ٿيندي چيون هن چيو تہ اهو ڪڙو سچ آهي تہ سنڌ جي تعليمي صورتحال ڏاڍي پريشان ڪندڙ آهي پر ان کان بہ وڌيڪ سنڌ ۽ سنڌين جي قومي وجود کي خطرہ لاحق آهن ڇاڪاڻ تہ سند حڪومت جي انتظامي نااهلي جي ڪري مختلف ملڪن ۽ علائقن جا ماڻهو سنڌ ۾ هزارن جي تعداد ۾ اچي رهيا آهن جيڪا سنڌ جي وجود ،روايتن ڪلچر ۽ معيشت لاءِ بهتر ناهي. ان موقعي تي شريڪ سمورن ساڃاهہ وندن محمد علي خٽڪ سان گڏجي ڳوٺ عبدالستار شيخ ۾ پرائمري اسڪول جو افتتاح پڻ ڪيو ،تقريب کي قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ياسر جاکرو چيو تہ محمد علي خٽڪ پنهنجي جوهر ۾ تمام وڏو جاکوڙي انسان آهي جيڪو رڳو تعليم جي بهتريءَ لاءِ نہ پر مسڪين ۽ لاچار ماڻهن جي سهائتا لاءِ بہ جاکوڙي رهيو آهي هن چيو تہ اسان جو قومي هيرو شهيد مهاراجا ڏاهر آهي اسان بن قاسم کي هڪ حملي آور ۽ ڦورو سمجهون ٿا ،ٺٽي جي ناميارين سياسي سماجي شخصيت محمد حنيف ميمڻ چيو تہ محمد علي خٽڪ پرخلوص ۽ مٿيادار انسان آهي جيڪو ٺٽي جو ايڌي آهي هن جون تعليم جي بهتريءَ ۽ انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ ڪيل خدمتون تمام شاندار آهن ،ٺٽي ضلع جي ناميارين سياسي سماجي ۽ صحافتي شخصيت جاويد لطيف ميمڻ پنهنجي ويچارن ۾ چيو تہ محمد علي خٽڪ ايماندار ۽ محبتي انسان آهي جيڪو هميشہ هر ڪنهن کي بنان ڪنهن فرق محبتون ڏيندڙ آهي سنڌس تعليم جي بهتري لاءِ سنڌس ڪيل خدمتون تمام اتساهہ ڏياريندڙ آهي ،گهارو شهر ۾ تعليم جون ڏيائيون ٻارڻ لاءِ ڪوششون ڪندڙ رياض احمد جوکيو ۽ وسيم ترين پڻ پنهنجي ويچارن ۾ محمد علي خٽڪ جي ڪيل تعليمي ۽ سماجي خدمتن تي کيس زبردست ڀيٽا پيش ڪئي، موقعي تي پروگرام جي مهمان خاص تعليمي رضا ڪار ۽ سماج سڌارڪ سنڌي محمد علي خٽڪ چيو تہ سنڌ منهنجي ماءُ آهي ۽ سنڌي منهنجا ڀائر آهن هن وڌيڪ چيو تہ جيڪو سنڌ جو کائي ان سان نمڪ حرامي ڪري ٿو اهو بيڪار ترين انسان آهي هن چيو تہ اڄ جيڪا دوستن عزت ۽ محبت ڏني آهي اها هميشہ دل ۾ رهندي انشاءالله تعليم جي بهتريءَ ۽ انسان ذات جي بهتريءَ لاءِ اڃان بہ وڌيڪ خدمت ڪندس،پروگرام جي ميزبان محمد علي شيخ چيو تہ اها اسان جي اداري جي خوشقسمتي آهي جو اڄ اسان محمد علي خٽڪ جهڙي اعلا درجي جي ڪاهوڙي انسان جي سالگرهہ پيا ملهايون ۽ ان کان وڌيڪ خوشي ان ڳالهہ جي آهي تہ اڄ هن ڳوٺ ۾ سنڌس ئي هٿن سان پرائمري اسڪول جو بنياد رکي رهيا آهيون ،تقريب ۾ ٻين کان علاوہ مختلف سياسي سماجي تعليمي شخصيتن ڊاڪٽر خرم افضل آرائين ،ڊاڪٽر منير احمد آرائين ،حماد اشرف ،حنيف هولائي،محمد آدم ملاح ،سيد اقبال شاهہ،حمزو ناهيون، رياض احمد جوکيو ،راجا محمود ، محمد مراد ناهيو،محمد علي شيخ، ونس معصوم ٻارڻ ۽ ٻارڙين جي وڏي تعداد شرڪت ڪئي.

**بقايا | سنڌيار | 41**

سالن کان بند، پيل عمارت جون در دريون چور پٽي ويا، بلڊنگ مال مويشي ۽ بہ حوالي، اسڪول جو ريڪارڊ بہ غائب، ڳوٺاڻن جو احتجاج، تعليم کاتي کان قديمي اسڪول کي فعال بڻائي،واڙو ختم ڪرائي مرمت ڪرائڻ جي گهر ڳڙهي ياسين تعلقي جي ڳوٺ اڳڻ خان ککراڻي جو قديمي اسڪول گورنمينٽ پرائمري بوائز اسڪول اڳڻ خان ککراڻي تعليم کاتي جي نااهلي سبب کلي تہ ڪون سگهيو، پر چوديواري نہ هجڻ سبب در دريون پٽجي ويون، فرنيچر غائب، اسڪول واڙي ۾ تبديل ڳوٺاڻن، مال مويشي ۽ مينهون ٻڌي ڇڏيون، اسڪول جو اڳڻ بہ سان پري ڇڏيو، ڳوٺ جي پڙهيل لکيل نوجوان ساجد ککراڻي، سهيل احمد، عرفان علي ۽ وقار احمد ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي تہ ڪيترن سالن کان ڪوشش ڪري رهيا آهيو تہ اسڪول کلي پر تعليم کاتي جي آفيسرن جي ڪن تي جوءِ بہ نہ ٿي چري، ڪيتري وقت کان آسرو ڏنو پئي ويو تہ نون ڀرتي ٿيل استادن مان اسڪول ۾ استاد مقرر ڪري ڏبا، پر واعدو وفا نہ ٿيو، ضلع انتظاميہ ۽ تعليم واري وزير سيد سردار شاهہ، سيڪريٽري ايجوڪيشن اڪبر لغاري ۽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن لاڙڪاڻو ۽ چونڊيل نمائندن کان اسڪول مان واڙو ختم ڪرائي، بلڊنگ تعمير ڪرائي بند پيل اسڪول کولي ڏيارڻ جي گهر ڪندي مطالبو ڪيو تا تہ ڳوٺ جو اسڪول جي نئين بلڊنگ تعمير ڪرائي ڏني وڃي، تہ جيئن مستقبل جي معمارن جو مستقبل سڌري سگهي. s41

**بقايا | سنڌيار | 42**

ڪيون ويون ان موقعي تي درگاهہ هاليجي شريف ۾ درگاهہ جي گادي نشين پير عبدالصمد هاليجوي سان سنڌس ڀيڻ، ايس پي ليگل محمود حسين سمائر سان سنڌس ڀاءُ جي وفات تي ۽ چيچڙو ۾ استاد صادق مهيسر سميت مختلف هنڌن تي تعزيتون پڻ ڪيون جڏهن تہ ان موقعي تي ساڻس گڏ حاجي مولا بخش خان مهر ،لياقت علي خان مهيسر ، سلطان احمد خان مهر، حاجي غلام علي ڪمبوءِ ۽ ٻيا پڻ گڏ هئا